سنڌ ولکت ۽ پولي

ايس - آر - راءُ

مترجم:

عطا محمد پنيرو

سنڌي پوليَ جو بااختيار ادارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو لکت جو مطالعو

سلسلي جو پهريون ڪتاب

سنڌو لکت ۽ ٻولي

ايس- آر- راءُ

مترجم

عطامحمد پنيرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيارادارو

حيدرآباد، سنڌ

۱۴۱۴ھ/ ۱۹۹۴ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون چاپو: ڊسمبر 1994ع
تعداد: هڪ هزار
قيمت: 90 روپيا

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي بوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم، نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي بوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ايجوڪيشنل پريس پاڪستان چوڪ ڪراچي، مان ڇپرائي اداري مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

صفحو

پہ اکر.	ڈاکٽر نواز علي شوق	۵
سنڌو لکت ۾ ہولي.		۹
ننڍي کنڊ مان لڏل مُهرن جو وچُور.		۱۲
سنڌو لکت جي ڀاڄ جو مسئلو.		۱۳
سنڌ جي روان لکت جون نشانيون ۾ برهمي لکت.		۲۴
سنڌي ہوليءَ جي سڃاڻ.		۲۷
سنڌو لکت ۾ سنڌي ہوليءَ جي اوسر.		۵۶
لفظن جا فعلي بنياد.		۶۹
۱۰۰۰ ق ـ م ـ واري دور ۾ سنڌو لکت جي اوسر.		۸۵
خاڪن جو وچُور.		۹۸

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پ اکر

سنڌو لکت تي ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن ڪافي ڪوجنا ڪئي آهي. محترم سراج الحق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جا ڪتاب هن اهم موضوع تي ڇپجي چڪا آهن. ان کان علاوه ڊاڪٽر داني ۽ محترمہ پروين ٽالپر پڻ سڻي محنت ڪئي آهي. مدراس جي هڪ ماهر مهاديوان ڪمپيوٽر جي ذريعي سنڌو لکت واري ذخيري جو اڀياس ڪري هڪ ڪتاب تيار ڪيو، جيڪو 1977ع ۾ شائع ٿيو. فنلئنڊ جا ماهر ڪيموڪوسڪينيمي ۽ آسڪوپار پولا ڪافي عرص کان سنڌو لکت جي مطالعي ۾ مصروف آهن. ان کان علاوه روسي ۽ آمريڪي ماهر پڻ هيءَ ڳجهارت ڳولڻ لاءِ مٿا مونا هڻي رهيا آهن. انهن مڙني ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن جون محنتون وڏي اهميت رکن ٿيون. پر ايا سوڌو ڪوبہ ڏيهي يا پرڏيهي عالم اها ڳجهارت پيڇي ڪونہ سگهيو آهي. موهن جي دڙي يا ٻين ماڳن تان لڌل مهرن ۽ ٻين شين جا اسان وارث آهيون. اهي سڀ اسان جون شيون آهن. اسان کي انهن تي فخر آهي. پر نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي، جو اسان انهن مهرن ۽ ماڳن تي ايتري ڪوجنا ڪانہ ڪئي آهي، جيتري پرڏيهي عالمن ڪئي آهيّ.

سنڌي هوليءَ جي بااختيار اداري پاران اهو ضروري سمجهيو ويو تہ هن اهم موضوع تي پرڏيهي ماهرن جا جيڪي ڪتاب انگريزي ۾ شائع ٿيا آهن، تن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪرايو وڃي، تہ جيئن سنڌ جا عالم هن موضوع تي وڌيڪ تحقيق ڪري سگهن. پهرين مرحلي ۾ اسان چئن ڪتابن جي چونڊ ڪئي. اهي چارئي ڪتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمي لاءِ محترم عطا محمد پنيري جي حوالي ڪيا ويا، پنيري صاحب پنجن مهينن ۾ انهن چئني ڪتابن جو ترجمو مڪمل ڪيو. هيءُ ان سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو ايس - آر - راءُ جو لکيل آهي. ايس - آر - راءُ وڏو جاکوڙي جوان هو، قديم آثارن سان ڪيس تمام گهڻي دلچسپي هئي،هو سڄي حياتي کوجنائون ڪندو رهيو. هن لوٿل ۽ سنڌ سپيتا بابت هڪ ڪتاب تيار ڪيو. ان کان علاوه هن ڪرناٽڪ جي قديم تصويرن تي پڻ معياري تحقيق ڪئي آهي.

هن هندوستان جي ساموندي ڪنارن وارن قديم آثارن تي پڻ کوجنا ڪري هڪ بهترين ڪتاب تيار ڪيو، سندس هڪ ڪتاب Deciphement of Indus Script (سنڌو لکت جي ياڃ) وڏي اهميت رکي ٿو. انشاء الله جلد ئي سندس مذڪوره ڪتاب جو ترجمو شايع ڪرايو ويندو. مطلب ته هن سنڌو تهذيب ۽ سنڌو لکت تي ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي، سندس هڪ ضخيم ڪتاب Dawn and Devolutions of the Indus Civilization ۱۹۹۱ع ۾ دهليءَ مان شايع ٿيو. ان ۾ هڪ باب سنڌو لکت بابت آهي. هيءُ ان باب جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو پنيري صاحب تمام سهڻي نموني ڪيو آهي، جنهن لاءِ ادارو سندس ٿورائتو آهي.

راءُ جي راءِ آهي ته سنڌو لکت برهمي ۽ سامي لکت کان گهڻي پراڻي آهي، تنهن ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته برهمي ۽ سامي لکت پنهنجون علامتي نشانيون سنڌو لکت تان ورتيون آهن. هن کوجنا ڪري ٻڌايو آهي ته سترهن نشانيون اهڙيون آهن، جيڪي سامي ۽ سنڌو لکت ۾ هڪ جهڙيون آهن ۽ سورهن نشانيون وري اهڙيون آهن، جيڪي سنڌو ۽ برهمي لکت سان هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙائي رکن ٿيون.

۱۰۰۰ ق - م واري دور جي سنڌو لکت تي بحث ڪندي لکي ٿو ته "اسان کي پوئين دور جي ٻيٽ دوارڪا ۽ جبلن تي برهمي لپيءَ ۾ اشوڪ جي لکت مان پتو پوي ٿو ته برهمي لکت سنڌي تصويري الف - ب تان ورتل آهي. ۽ سنڌو لکت ۾ به اهڙا مکيه اصول آهن، جن برهمي لکت تي گهرو اثر ڪيو آهي.

سنڌي ۽ قديم ايراني ٻولي واري باب ۾ بحث ڪندي هو ٻڌائي ٿو ته ، سنڌي ٻوليءَ جو قديم ايرانيءَ سان ڀاڱاپو هو، پر لغوي ۽ معنوي لحاظ سان سنڌي ٻوليءَ جو وڌيڪ لاڳاپو هند آريائي ٻوليءَ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ايس - آر - راءِ جي راءِ سان ڪو متفق ٿئي يا نه، پر ايترو ضرور محڪو پوندو ته هُن وڏي محنت ڪئي آهي ۽ سندس محنت کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو ۽ سندس کوجنا سنڌو لکت واري ڳجهارت ڀڃڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سنڌ جا ڪي عالم سنڌي ٻوليءَ جا ماهر آهن، هو سنڌي ثقافت ۽ سنڌ جي تاريخ جي وڏي ڄاڻ رکن ٿا، تنهن ڪري مون کي اميد نه، بلڪ يقين آهي ته اها ڳجهارت سنڌ جا عالم ئي ڀڃي سگهندا ۽ هڪ نه هڪ ڏينهن سنڌو لکت پڙهڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندا.

حيدرآباد سنڌ
۲۵ - نومبر ۱۹۹۴ع.

نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو لکت ۽ بولي

سنڌ ماڻهري جا ماڻهو تمام گهڻو پڙهيل هئا، جيڪي پنهنجي پنڌيان 3200 اهڙيون شيون چڏي ويا آهن، جن جي مٿان لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا ڪاٿي اکريل ته ڪاٿي وري ڦيپل آهي. لکڻ لاءِ پٿر، مٽي ۽ ڏاتوءَ کان سواءِ انهن اهڙيون شيون به ڪتب آندیون هونديون، جيڪي ڳري مٽي ٿي ويون هونديون، جهڙوڪ: وٽن جا چوڏا ۽ ڪجيءَ جا ڦڙڪا وغيره (1). هتان جون مهرون جيڪي گهڻو ڪري واپار ۽ راڄ نيتيءَ (سياست) وارن شهرن مان هٿ آيون آهن. اهي گهڻو ڪري همچورس يا چوڪنڊيون آهن. عام طور تي سندن ماپ 1.5 X 1.5 س. م ڪان 6 X 6 س.م جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ آئي آهي. سندن هيٺئين پاسي جانورن جي يا انساني تصوير نظر ايندي ۽ متئين پاسي لکت اکريل ڏسبي. مهرن تي ڏاڍي گهري ڪوکي اُڪيرِ High Relief ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جڏهن هڪ مهر کي زور سان ڦيپو ويو ته نرم شيءِ تي ان جا نشان ٿي ويٺا، جيڪي ڏاڍا چٽا هئا. سنڌو لکت جي هنن مهرن تي جانورن جي تصوير ۽ لکت اهڙي ته سهڻي آهي، جو دنيا ۾ ان جو مثال ئي ڪونہ ٿو ملي. اهي پنهنجي ماڻ واري زبان ۾ ان مهان ڏات ڏٽي، لکٹهار ۽ مهرن جي ماهر ۽ ڪلونت ڪاريگر جي ساراه جا جڻ ڏڪ پيون پرين. باقي ٽڪر جي ٽانون ۽ سپين تي لکت اهڙي سهڻي ڪانہ آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان جو ڪارڻ اهو هجي ته انهن جا مٽاچرا سڏا نہ پر جُهڪيل ۽ گول وَرن جا آهن. امڪان آهيَ ته اهي مهرون ان سمي جي ڪنهنَ راجا جا دستاويز هجن. ٿي سگهيَ ٿو ته ڪنهن وڏي واپاري يا ڪنهن ڏرمي پنڊت سان سندن لاڳاپو هجي. پر جيڪا هنن پٿر يا مٽيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهرن تي اکرن جي اکر ڪئي وئي آهي، سا ڏاڍي ڏيان سان ڪيل ٿي معلوم ٿئي، تنهنڪري اها واه جي خوبصورت آهي. (2)

سنڌ جون مهرون هن ننڍي ڪنڊ کان ٻاهر، اُر، ڪِش، براڪ Brak اگد Agade، سوس، نيپور Nipur بحرَين ۽ فئلاڪا Failaka مان ٻہ لڏيون ويون آهن (خاڪو 68). مهرن تي جانورن جي اکريل مان گهڻا ئي هڪ سگهِي جانور جي تصوير جي آهي (پليٽ 96). ان کان پوءِ وڌيڪ انگ ڏگهن سگهن واري ڏاند جو آهي. ننڍن سگهن واري ڏِگي ۽ هاٿيءَ جي تصوير ڪڏهن ڪڏهن نظر اچي ٿي. ٻين جانورن جون گڏيل (مرڪب) تصويرون (پليٽ 102-101) ۽ چيتي، گينڊي، مينهن، سيسر ۽ ٻڪري جي اُکير واري مهر گهڻي گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

لکت جو طرف: سنڌو ۽ لکت جو طريقو ساڄي کان کاٻي طرف آهي، جنهن ۾ هاڻي ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ئي ڪانہ آهي. ٽن ٽڪر جي ٽانون ۽ هڪ متيءَ جي ٻڪل مهر تي اهڙيون لکتون ڏسڻ ۾ آيون آهن، جن تي کاٻي طرف اکريل علامتي نشانيءَ ساڄي واري علامتي نشانيءَ کي ڏِکي ڇڏيو آهي، جنهن مان هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ ساڄي طرف واري نشاني اڳ ۾ لکي وئي هئي ۽ پوءِ کاٻي طرف واري نشاني لکي وئي آهي (پليٽ 123). جهڙي طريقي سان اهي اکر لکيا ويا آهن، تهڙي طريقي سان انهن کي پڙهڻ کپي (پليٽ 124). جي. آر. هنٽر G.R. Hunter پهريون ماڻهو آهي، جنهن سڀ کان پهرين اهو ڏٺو ۽ سڃاتو تہ سنڌو لکت ساڄي کان کاٻي طرف لکيل آهي. (4) بي. بي. لال B.B. LAL ٻہ جوڙي ڪن مثالن جي ڏئي هن حقيقت کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. (5) پن ستن واري لکت ٻہ گهڻو ڪري ساڄي کان کاٻي طرف لکيل ڏٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي آهي. پر ٻه ٽي مثال اهڙا ٻه لين ٽا، جن ۾ لکت هرجي اوڙ (بوسٽر و فيدون) ڏيکي جي وراڻي وانگي لکت ڏسڻ ۾ ايندي (جيئن ڏاندن وارا هَر)، جنهن ۾ هڪ ست کاپي کان ساڄي طرف ۽ ٻي ست کاپي کان ساڄي طرف آهي. برهمي کاپي کان ساڄي طرف لکي ويندي آهي (پليٽ 124).هر جي اوڙ وانگر لکت جو نمونو اشوڪ جي ييراگڈي YERRAGUDI واري لکت آهي (پليٽ 126). اسان کي برهمي لکت ۾ لکيل هڪ قديم سنهالي ڪتبو ساڄي کان کاپي طرف لکيل نظر اچي ٿو ۽ هڪ سڪي تي پڻ ساڳي طرف واري لکت ملي ٿي. جنهن مان اسان کي اها اندازو ٿئي ٿو ته سنڌو لکت ۽ برهمي لکت جي وچ ۾ سنئون سڌو لاڳاپو آهي. ڏيان ڏيڻ جوڳي حقيقت هيءَ ٻه آهي ته سامي ۽ خروشتي لکتون ٻه ساڄي کان کاپي طرف لکيون ويندیون هيون. معلوم ائين ٿئي ٿو ته 1400 ق. م. ۾ لکت جي طرفن ۾ ڦير گهير آئي آهي، جنهن جي ثابتي اسان کي ٻيٽ دوارکا جي هڪ تحرير مان ملي ٿي، جيڪا هڪ ٽانو تي لِکيل ڏسجي ٿي (6). اِن مان پتو پوي ٿو ته قديم سنڌو لکت ۽ برهمي لکت جي وچ ۾ ضرور ڪو سنڌ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننديي كنڊ مان لڏل مُهرن جو وچور:

(1) موهن جي ڏڙي مان	1540
(2) هڑاپا جي ڏڙي مان	985
(3) لوٿل جي ڏڙي مان	215
(4) ڪالي بڱن جي ڏڙي مان	99
(5) چانهون جي ڏڙي مان	66
(6) بناوالي BANAWALI جي ڏڙي مان	7
(7) ڪوتادا (ديولاويرا) جي ڏڙي مان	28
(8) چندي ڳڙهه جي ڏڙي مان	4
(9) سرڪوتاڙا SURKOTADA جي ڏڙي مان	
(10) عالمگير پور جي ڏڙي مان	3
(11) نندو واري جي ڏڙي مان	3
(12) آمري، بالاڪوٽ ۽ ڊسالپور جي ڏڙي مان	6
(هرهڪ ماڳ تان ٻه ٻه مهرون لڏيون ويون)	
ٻين هنڌن تان ڪل 67	
ڪُل جوڙ	3026

ننديي كنڊ كان ٻاهران لڏل سنڌ جي مهرن جو وچور

(1) مگئيار (اُر) MUGAIYAR	مان 10
(2) اهئيمير UHAIMIR	مان 2
(3) جوڪ DJOKA (اُمّ AUMM)	مان 1
(4) تل گيرسو TELLO (گيرسوGIRSU)	مان 3
(5) تل اسمار TELL ASMAR	مان 2
(6) تيپي گاورا TEPE GAWRA	مان 1
(7) سوس	مان 2
(8) بحرين	مان 2
(9) فئلاڪا FAILAKA	مان 1
(10) حمّ HAMA	مان 1
ڪل جوڙ	25

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو لکت جي پاڻ جو مسئلو

سنڌو لکت تمام ٿوري لڌي وئي آهي، تنهن ڪري ڪيس سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. برهمي لکت ۾ صفتن جو ورجاءُ نظر اچي ٿو، پر سنڌو لکت ۾ اهڙا صفاتي اهجاڻ ڪونہ ٿا ملن. پنجاهي کن ماڳن سنڌو لکت هڪ قسم جي گڏيل تحرير آهي، جيڪا تمام ٿوري حد تائين مصر جي تصويري تحرير Hieroglyphics جهڙي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن لکت ۾ پکين، ماڻهن، جانورن، ٻوٽن، گهر جي سازو سامان ۽ ٽڪرين جون مورتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان کان سواءِ اَليڪي طرز ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا علامتي نشانين جي خطِ شڪستہ (روان) سان گڏي لکيل ٿي پائجي. ان لکت جو نمونو رومي اکرن، E، H، U، W، X ۽ Y جي ويجهو ڏسڻ ۾ ايندو. تصويري تحرير ۽ خط شڪستہ ۾ علامتي نشانين کان سواءِ سنڌو لکت ۾ ايئون ليکون 1، 11، 111، 1111، 11111، 111111، 1111111 ۽ 11111111 به نظر اچن ٿيون. شايد اهي 1 کان 12 ۽ 24 تائين مکيہ انگن جا نشان آهن. آخر ۾ اهڙين مورتن جهڙيون نشانيون ۽ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جيڪي جڙ تہ ڪانڙيو (تير انداز) بار ڪڍڻ وارو ڏال وارو ۽ پوجاري دعا گهرندڙ ڏيو معلوم ٿئي. اهي سڀ نشانيون تصويرن ۽ علامتي نشانين جو مرڪب آهن. حقيقت اها آهي تہ اهي مرڪب نشان آهن جيڪي الڳ الڳ بنيادي لکت جي نشانن کي گڏي ناهيا ويا آهن ان ڪري اهوفيصلوڪرڻ ڏکيو آهي تہ مختلف قسمن جي علامتي نشانين جي گڏيل صورت حال ۾ انهن خط شڪستہ (روان لکت) وارين علامتي نشانين، انساني تصوير نما لکت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي تصويري تحرير جيان مورتي ملهه ڏيڻ گهرجي (يا سنڌو. لکت کي) تصوري تحرير سمجهي، ان کي لفظي ملهه ڏيڻ کپي. ان نقطه نگاهه کان، ماٿهوءَ جو نالو آهي، فادر هيراس Haras Father، والٽر فيئر سروس Walter Fair Servis ۽ مهاديوان غور ڪري هن نڪتي تي پهتا آهن، ته مڇيءَ جي علامتي نشاني ﴿ اُهاءَ-Shining يا چمڪندڙ تاري جو مفهوم ڏيکاري ٿي. هن اهو مفهوم تامل ٻوليءَ جي لفظ "مِين" (٧) MIN مان ورتو، جنهن جي معنيٰ مڇي آهي. تنهن ڪري اهي عالم ۽ ماهر اڳيئي اهو انومان ڪڍي چڪا آهن، ته سنڌ جي مهرن جي ٻولي دراوڙي آهي. ٻئي پاسي وري بي. بي. لال ۽ مچينر Michiner هن علامتي نشانين ﴿ ۽ ﴿ کي بَلَ چاڙهڻ جا ٿانو Sacrificial Jars سمجهن ٿا. هن لاءِ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ هم معنيٰ لفظ ساتا Sata آهي. هن ساتا منجهان "سا" کي صوتي ملهه ڏنو آهي، جيڪو متي بيان ڪيل دکي يا چاڏي جهڙي ٿانو جي معنيٰ ڏيکاري ٿو، ۽ اها نشاني لفظ جي پڇاڙي ۾ اچي ٿي. اهڙيءَ ريت سنسڪرت ٻوليءَ ۾ پڇاڙي واري اضافي حالت ۾ سيا Sya ۽ پراڪرت ۾ فقط سا هوندي آهي. اها حقيقت آهي ته U جهڙي هيءَ علامتي نشاني ﴿ پڇاڙي آهي، پر ان مان اهو انومان ڪڍڻ مناسب ڪونہ ٿو لڳي ته اها سنسڪرت ٻولي آهي ۽ علامتي نشاني هڪ ٿانو (دکي) ڏانهن اشارو ڪري ٿي. اسان کي سنڌ سپيتا جي ماڳن جي کوٽائين مان اهڙو ٿانو هٿ ڪونہ لڳو آهي، جنهن کي هٿيا يا مُنيا لڳل هجن. پي اهم ڳالهه اها آهي ته هيءَ علامتي نشاني ﴿ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ سدائين ڪم آندل ڪانہ ٿي ڏسجي. اسان ڪيترن مثالن ۾ هن کي E جي پٺيان ڏنو آهي، جنهن کي مچينر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برهمي نشاني جا Ja ۽ س S ٿو سمجهي. سنڌس خيال آهي تہ جو اچار سجا SJa جي برابر آهي، جيڪو سيا SYa بہ ٿي سگهي ٿو. پر وري ڪن مهرن تي ڳالهہ ابتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جتي لکت هن ريت آهي. ڪٿي وَري يا کي لفظن جي ابتدائي پدن (اڳياڙين) جي شڪل ۾ بہ ڏنو ويو آهي. تنهن ڪري هن علامتي نشانيءَ کي سنسڪرت جي پچاڙيءَ واري اضافي حالت نہ ٿو سڏي سگهجي. هتن ٿورن مثالن مان ..... نتيجو اهو نڪتو تہ اهو ماهر جيڪو ڪنهن بولي پڙهڻ ۽ سمجهڻ واسطي رت ولوڙ ڪري ٿو، تنهن کي اڳوات پاڻ مرادو ڪوبہ نظريو قائم نہ ڪرڻ گهرجي. هن کي گهرجي تہ هو فقط ان بوليءَ جي اصلي بناوت جي پربور چنڊ چاڻ ڪري ۽ ان کان پوءِ مرڪب نشانين بابت ڪو اهم فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ لکت تصويري تحرير آهي يا تصوري آهي يا صوتي يا لفظي طرز سان واسطو رکي ٿي. اهو اندازو لکت جي بنيادي علامتي نشانين مان ڪري سگهبو آهي. ڪوروزوف Kouro-Zov، پرپولا Parpola ۽ مهاديوان ڪمپيوٽر جي مدد سان سنڌو لکت جي جيڪا چنڊ چاڻ ڪئي آهي، ان مان فقط اهو معلوم ٿي سگهيو تہ علامتي نشانيون انفرادي طور لکت ۾ ڪيترا ڀيرا ڪتب آيون ۽ لکت اندر سندن مقرر بيهڪ ڪهڙي هئي. مثال طور ڪين اکري بيهڪ جي چنڊ چاڻ کان پوءِ پچاڙي وارين علامتي نشانين جو پتو پيو. ڪين اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ آئي تہ اهي بنيادي يا عام قسم جون ثانوي درجي سان واسطو رکندڙ علامتي نشانيون آهن (مهاديوان 1983). پر انهن همراهن انفرادي مرڪب علامتي نشاني جهڙوڪ جي چنڊ چاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کانہ ڪئي. ٻيون ٻہ اهڙيون ڪيتريون ئي مرڪب نشانيون آهن جن جي شڪل صورت تصويري نظر اچي ٿي. هن علامتي نشانين  بابت، اچارن جو ڪو ڏس پتو ڪونہ ٿئي سگهيا آهن.

هن ڪتاب جو ليکڪ (ايس. آر. راءِ) 1960 کان 1972 تائين، هن لکت جي مرڪب نشانين جي بناوت جي لحاظ سان چند ڇاڻ ڪندو رهيو آهي ۽ هن نقطي ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ پوئين دور ۾ سنڌو لکت جي نشانين کي وڌيڪ سولي ۽ سادي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ اهو ڪم نشانين جي مٿان ڏنل اعرابن ۽ ڳنڊيل حرفن کان ورتو ويو. اهي ساڳيون خاصيتون ۽ خوبيون برهميءَ سنڌو لکت ۾ ٻہ رهيون (8). اهي ٻئي خوبيون اهڙيون آهن، جن مان سنڌو لکت جي صوتي لکت هئڻ جو پتو پوي ٿو. (9)

سنڌ سيپتا جي اوج واري دور (لوٿل IV) ۽ سنڌ سيپتا جي پوئين زماني (لوٿل - B) ۾ آسان ڏسون ٿا تہ سنڌو لکت مان، پيپر جي پن جي علامتي نشاني، وڇون، زمين، جانورن جون مورتون پڌري پٽ ڪيون ويون ٿيون ڏسجن ۽ انهن بدران رڳو گڏيل لکت وارا (روان) نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهيءَ حقيقت جي پنهرائي جهاجهر Jhajhar مان لڌل مهر هڙاپا ۽ روجدي Rojdi مان مليل هڪ ٽانو جي لکڻ مان ٿئي ٿي. اهي ٻئي ماڳ هڙاپا (سنڌ سيپتا) ۾ ڪوٽيل ايراضيءَ جي پوئين دور سان واسطو رکن ٿا. ان کان پوءِ مسٽر ڊيل Dale، موهن جي دڙي جي کنهن پوئين تهہ مان چوويهہ مهرون لڌيون، جن مان کيتيءَ جي ميدان (فيلڊ) جي ٻن علامتي نشانين کانسواءِ ٻيون سڀ نشانيون گڏيل لکت جي نشانين جي شڪل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون (ڏسو خاڪو 34). انهن مهرن جون لکتون ان خيال جي تصديق ڪن ٿيون تہ سنڌو لکت ڪي خود موهن جي ڏڙي جي ڪنهن پوئين دور ۾ ترميم ڪري سولو ۽ سهنجو ڪيو ويو هو. پر ان کان اڳ واري دور لاءِ، ائين چئي ڪونہ ٿو سگهجي. انهن تهن لاءِ ڪا اعتماد جوڳي ثابتي موجود ڪانہ آهي، ان ڪري جو هن صديءَ جي ٻئي يا ٽئين ڏهاڪي ۾ جيڪي موهن جي ڏڙي ۽ هڑاپا مان ٻہ هزار مهرون لڌيون ويون هيون، تن کي عهدن جي سلسلي موجب ورهايو ڪونہ ويو ويو هو. ديولاويرا (10) مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن جي لکت مان ٻہ پڪ ٽئي ٽي تہ آڳاٽي لکت ۾ ترميم ڪري ان کي سولو ۽ سهنجو ڪيو ويو هو.

سنڌو لکت جي پاڻ جو آسان ترين طريقو اهو سمجهيو ويو هو تہ موهن جي ڏڙي ۽ هڑاپا مان، سنڌ سيبتا جي اوج ۽ پوئين دور سان واسطو رکندڙ مهرون ۽ لکت وارا ٽکر جا ٽانو هٿ ڪيا ويا هئا، تن جي نشانين کي هڪ جائتو ڪري سموري لکت جي پنوتري تيار ڪئي وڃي. اُڇارن جي نمائندگي ڪندڙ گڏيل علامتي نشانين (اعرابن) کي انهن بنيادي نشانين کان نکيڙي الڳ ڪيو ويو هو، جن جو واسطو اڇارن سان ڪيو هو (ڏسو خاڪو35 ـ 36). اهو طريقو اختيار ڪرڻ کان پوءِ سنڌ سيبتا جي پوئين دور سان واسطو رکندڙ اهڙيون چوويهہ بنيادي نشانيون مليون، جيڪي گڏيل صورت ۾ هيون. اهڙيءَ ريت چوٽيهن مان ڏهن جو تعلق صوتي نشانين سان هو. سندن شڪل سامي نشانين جهڙي هئي. هيءَ سنڌ سيبتا جي اوج جو زمانو چئي سگهجي ٿو. هن کان سواءِ چوٽيهن بنيادي نشانين مان (تصوير 36) اناويهہ نشانيون اهڙيون آهن، جن ۾ مورتي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصوري (لفظي) نشانيون پڻ شامل ڏسجن ٿيون. انهن مان ڪن جو قطعي پيچاڙي وارين نشانين سان پڻ واسطو آهي. هيءُ سنڌ سيپتا جي اوج وارو دور چئي سگهجي ٿو. اهڙين بنيادي علامتي نشانين جو ڪل انگ وڃي ٻاهٺ ٿئي ٿو (تصوير 36). هن مان ڏسجي ٿو ته بنيادي علامتي نشانين جو انگ تمام ٿورو آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهي نشانيون يا اکر فقط صوتي اکر آهن ۽ هن بنيادي علامتن:



جن جو صوتي ملهه هي ٿي سگهي ٿو:

د d ، ڪ k ، ٽ t ، ڊ d، ڏ dh ، ن n ، پ p، پ p، م m، و v، س s

س s، س s، س s ، ھ h ، ھ h ، ۽ ھ h

(هن جو صوتي ملهه سامي الف بي جي اچارن مطابق رکيو ويو آهي)

۽ اهي نشانيون لفظن جي نمائندگي نه ٿيون ڪن ۽ - ڪان سواءِ وينجن سر آهن، جن کي پنهنجو اڪيلي طور صوتي ملهه آهي. جڏهن سُر آواز پنهنجي ننديءَ صورت، زير، زبر ۽ پيش جھڑ ا(a)، ا(a)، ا(a)، ا(a)۽ اهڙين اعرابن ڏيڻ کان پوءِ انهن کي بنيادي اسم Root Nouns طور استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن اسان ① جو اُچار پا Pa ۾ يا "پَ" ⑨ جو اچار به پا P Pa ڏسون ٿا، جنهن جي معنيٰ آهي بچائڻ يا بچائيندڙ. اهڙيءَ ريت ⑦ جو اچار 'را' ra ra آهي، جنهن جو مطلب آهي ڏيندڙ يا بخشيندڙ ۽ ⑰ جو اُچار "ڏا" آهي جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ آهي ڏيڻ. ٻِڌي وينجن سُر جا اچار هن ريت ٿيندا، پات Pat، پاه Pah پاڪ PAK، ماهه MAHH وغيره. جن جي معنيٰ ٿيندي حڪومت ڪرڻ يا سردار، بچائيندڙ، سنياليندڙ، سنيال لهڻ ۽ مهان. اهي نشانيون مرڪب لفظي نشانيون آهن، جيڪي ٻن وينجن ۽ هڪ سُر آواز جي مدد سان جڙن ٿيون (تصوير 37، 38 ۽ 39). انهن مرڪب نشانين جي باضابطه چندچاڻ واري طريقي اختيار ڪرڻ کان پوءِ پتو پوي ٿو تہ سنڌو لکت انهن ٿورين بنيادي نشانين تي ٻڌل آهي ۽ اها لکت صوتي واري (Phonetic) لکت آهي. هن قسم جي چند چاڻ سان انهن انساني صورت جهڙين علامتي نشانين کي بہ پرکي ڏسٽو پوندو، جيڪي هڪ جنگي جوڌي ۽ بار ڪڍڻ واري (ڪولي) جي شڪلين جهڙيون آهن، جن کي ڪمپيوٽر وسيلي چند چاڻ ڪرڻ وارن لنوائي ڇڏيو هو. پر هن قسم جي ڪم ڪرڻ جو گهٽو دارومدار ماهرن جي پروگرام جوڙڻ تي هوندو آهي. لوگو گراف (لفظن ۽ لفظن) جي علامتي نشانين جي ڦير گهير ۾ سندن تعداد بہ وڌندو ۽ گهٽجندو رهندو آهي. حِتي لکت ۾ اهڙن لوگو گراف لفظن جي نشانين جو انگ پنج سو ۽ چيني لکت ۾ پنجاه هزار آهي. اهڙيءَ ريت سميرِ ۽ مِصر جي لکت ۾ لفظن جي علامتي نشانين جو سراسري انگ چهن سَون کان وٺي ست سو کن ٿيندو. ٻئي پاسي صوتي قسم جي لکت ۾ هڪ سَو کان ڏيڍ سَوَ تائين علامتي نشانيون آهن، جيڪي پدن جي آوازن طور موجود آهن، جن ۾ سميري لکت پڻ شامل آهي. حِتي پڻ پدن جي آوازن رکڻ واري لکت آهي، جنهن ۾ اهڙيون ست علامتي نشانيون آهن. پر هن جي ميخي خط واري الف ۔ ب ۾ فقط چوهه نشانيون بچن ٿيون. سنڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکت ۾ هڪ هيءَ بہ خوبي ڏسجي ٿي جيڪا هن شڪل ۾ ۽(۾ ۾ آهي، جنهن وسيلي مختلف لفظن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري بيهاري سگهجي ٿو (ڏسو خاڪو 40-A۽ 40-B). سنڌو لکت جو ٻيو گڻ هي آهي تہ وٽس اڪيلي علامتي نشاني يا علامتي نشانين جي ٻولي کي ٻاهران گول يا ڳنگيون ڏنل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون (ڏسو خاڪو 41-A ۽ 41-B). هن مان شايد اهو پڌرو ڪرڻ مراد آهي تہ ڏنگين اندر ڏنل لفظ اسم خاص آهي. مصر جي لکت ۾ اسم خاص گول نشانن اندر رکيا ويندا هئا. سنڌو لکت جو ٿيون اهم ۽ خاص گڻ اهو آهي تہ وينجن جي علامتي نشانيءَ ۾ هڪ يا وڌيڪ چنهنبون (اعرابون، ليڪون) ڏئي سُر آواز هجڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي. برهميءَ ۾ بہ اهو گڻ قائم رهيو جيڪو هن سنڌو لکت کان ورتو هو. پر ان لکت ۾ سُر آواز جو دارومدار لکت جي طرف تي آهي. اهو بہ ڏنو ويو آهي تہ ٻنهي لکڻ ۾ سُر آواز جي آواز کي ڏيکاري ڪرڻ واسطي بہ چنهنيون (ليڪون يا اِعرابون) ڏنيون ويون آهن.

بنيادي علامتي نشانين جو صوتي مُلهہ.

(هن مطالعي ۾) بنيادي علامتي نشانين کي صوتي ملهہ ڏيڻ لاءِ هيءُ اصول قائم ڪيو ويو آهي، تہ جاتل سجاتل علامتي نشانيءَ جي معلوم ٿيل ملهہ وسيلي اڻ جاتل علامتي نشانيءَ جو اڻ جاتل ملهہ معلوم ڪجي ۽ سولي ۽ سهنجي علامتي نشانيءَ وسيلي منجهيل علامتي نشانيءَ کي سجاڻجي. سولي ۽ سهنجي تحرير اها آهيَ جنهن جي لکت گڏيل آهي ۽ ان جي علامتي نشانين واري لکت آهي. هڪ طرف ان جي بنيادي نشانين کي ٽين صدي قبل مسيح برهمي لکت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي علامتي نشانين سان پيٽائي ڏنو ويو آهي تہ ٻئي طرف ڏهين کان پندرهين صدي قبل مسيح سامي لکتِ سان مشابهت ڪئي وئي آهي.

سامي لکت (خاڪو 42)

موجوده حوالي سان سامي لکت جو مطلب، فينيقي، Phoenician عبراني ۽ ڏکڻ واريون عربي هوليون، جن کي عام طور تي قديم اتريون سامي ۽ ڏکڻيون سامي لکتون چيو ويندو آهي ونڊ گهرجي. سامي الف ـ ب جي علامتي نشانين جي آڳاٽن سينائي نمونن ۽ قديم غربي لکت کي هن مقصد سان شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن سنڌو لکت جي گڏيل نشانين ۽ سامي لکت جي گڏيل نشانين جو هڪ پيٽ وار جائزو وٺي سگهجي. (11) اهڙي ريت سامي نسل جي لکت ۾ گيزر Gezer ۽ سيخيم Sechem (1500-1600 ق.م)، لئسڪش Laschish (1200-1300 ق.م) تل الحسي ۽ دير اعليٰ Der Tellel-Hesy and aAll (1200 ـ 1500 ق.م) پڻ شامل ڪيون ويون آهن ۽ انهن کي پوئين دور جي سنڌو لکت جي نشانين سان پيٽائي ڏنو ويو، جنهن مان معلوم ٿيو تہ انهن مان لڏل چوويهن علامتي نشانين مان سترهن اهڙيون آهن جيڪي سنڌو لکت جي گڏيل نشانين ۽ انهن جي مختلف شڪلين جهڙيون آهن (خاڪو 42). تنهن ڪري اسان کي اها ڳالهہ مناسب معلوم ٿئي ٿي تہ سنڌو لکت جي گڏيل نشانين کي اهي صوتي ملهہ ڏيون جيڪي سامي لکت جي هڪ جهڙين علامتي نشانين کي آهن. سنڌو ۽ سامي لکت ۾ بي هڪجهڙائي اها آهي تہ ٻئي ساڄي کان کاٻي طرف لکيون وڃن ٿيون ۽ ٻنهي لکتن جي ڳالهائيندڙن جا پاڻ ۾ پراڻا واپاري لاڳاپا پڻ هئا. چاڪاڻ تہ اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ سپيتا جي اوج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري زماني (1900 ـ 2300 ق . م) ۾ سنڌ جي واپارين بحرين، اُر، ڪِش، براڪ ۽ آرپاڪيا Arpachiya ۾ وڃي ڳوٺ ٻڌا هئا. اسان کي اهو پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سن 2000 ق.م ڌاران بحرين جي مهرن تي سنڌ جي لکت واريون علامتي نشانيون موجود آهن. پر انهن مهرن تي سميري لکت ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. سن 1985ع ۾ هندستان جي قديم آثارن جي هڪ جاکوڙي جڏي بحرين جي کوٽائي مان هڪ مهر لڌي هئي، جنهن تي ننڍن سگھن واري ڌاند جي تصوير ۽ سنڌو لکت اکريل هئي.

آڪد Agade (عراق) جي حڪمران سارگون Sargon جي دور ۾، سامي ماڻهن جو سنڌو ماڻريءَ جي رهواسين سان تمام گهڻو واپار هلندو هو. تنهن ڪري هتان جا ماڻهو بحرين، فئلاڪا، اُر ۽ ايا بہ ڪجهہ اتر طرف پنهنجا ڳوٺ وسائي وڃي وينا هئا (خاڪو- 68). ديلمون Delmun جي کوٽائي مان اهڙين ٻاويهن شين جي فهرست ملي آهي جيڪي سنڌو ماڻري مان گهرايون ويندیون هيون، جن ۾ سون، عاج، اُن، مڙيان، Beads ۽ قيمتي پٿر شامل آهن. ان کانسواءِ اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سن 2000 ق.م ڌاران بحرين واري علاقي اندر، سنڌ ۾ استعمال ٿيندڙ تورا يا وَٽ Weight ڪتب آندا ويندا هئا. سنڌ سيبيتا جي پوئين دور ۾ ٿوري وقت لاءِ اهو واپار گهٽجي ويو هو. پر فينيقي ماڻهن جي سهائتا سان اهو وري بہ جاري رهيو. رگ وید ۾ هنن ماڻهن کي پاڻي Panis ڪري سڏيو ويو آهي. انهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي تجارتي ماڻهو آهن، جيڪي دان پڃ ڪونہ ڪندا آهن (13). ڊونالڊ هاردن Harden Donald جو بيان آهي تہ، "فينِيقي ماڻهن کي ٻين عام ڪنعانين کان عام طور تي ٻئي هزار قبل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسيح تائين نکيڙي الگ ڪري ڪونہ ٿو سگھجي." "ھو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ"، "ڪنعاني ھتان جا اصلي ۽ قديم رھواسي ڪونہ آھن. سندن اچڻ جي دور بابت پڪ سان ڪجھہ چئي ڪونہ ٿو سگھجي." سامي نسل وارن جي آباد ٿيڻ جا ڪيترائي مرحلا آھن. سمجھہ ۾ اچي ٿو تہ اھي عربستان يا ايراني نار کان آيا آھن. گھٽن عالمن جو خيال آھي تہ اھڙي لڏپلاڻ جي پھرين لھر سن 2350 ق. م ڌاران آئي ھئي ۽ اڪد جا حڪمران اچي عراق پھتا ھئا. ان کان پوءِ ٽين سھس ق . م جي آخر ۾ لڏ پلاڻ جي ٻي وڏي لھر ۾ Amorits آموري آيا ۽ ڪنجھي واري دور جي صفا پيڙيءَ ۾ آرمينيائي نسل پھتو ھو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي روان لڪت جون نشانيون ۽ برهمي لکت

برهميءَ جي سڀ کان آڳاٽي لکت اسان کي پپراهوا PIPRAHWA جي هڪ ننڍڙي صندوق (پيٽي) CASKET تي لکيل ملي آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها 450 ق.م سان واسطو رکي ٿي. ٻٽيپرولو BHTTIPROLU جي لکت لاءِ بہ چيو وڃي ٿو ان جو بہ اشوڪ کان اڳ واري دور سان واسطو آهي. برهميءَ کي سنڌو لکت سان پيٽائي ڏسڻ جي مقصد سان اشوڪ جي دور واري ٺڪرن تي اکريل لکت کي شامل ڪيو ويو آهي، جنهن جو لاڳاپو ٽين صدي قبل مسيح سان آهي. هڪ پاسي موهن جي دڙي جي پوئين دور سان لاڳاپيل ڪن ماڳن جهڙوڪ:رنگپور، لوٿل، بيٽ دوارڪا ۽ دائمر آباد (1300 ـ 1600 ق.م) مان لکتون لڌيون ويون آهن. ٻئي پاسي برهمي لکت آهي، جنهن جو واسطو اشوڪ ۽ پپرهوا جي دور واري لکت سان آهي. ان جو زمانو ٽين صدي قبل مسيح آهي، جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي. ٻنهي ۾ وقت جي وڏي وٿيءَ هوندي بہ سنڌو لکت جون سورهن نشانيون برهمي لکت ۾ ڏنيون ويون آهن (ڏسو خاڪو 67). اهو پڻ ڏسڻ ۾ آيو تہ ٻن لکتن ۾ بنيادي آوازن جي نمائندگي ڪئي وئي آهي. ڪي اهڙيون نشانيون بہ نظر آيون، جيڪي سنڌو لکت ۾ نہ هيون، پر رڳو برهميءَ ۾ موجود هيون. سخت تارون وارن آوازن جون جيئن ج، چ، ش، ي. اهو وچ وارو مرحلو اسان کي دائمر آباد ۽ بيٽ دوارڪا Bet Dawarka مان لڌل لکتن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريت اسان سترهن نشانيون اهڙيون لڏيون، جيڪي سامي ۾ سنڌو لکت ۾ هڪجهڙيون آهن. سورهن نشانيون وري اهڙيون آهن، جيڪي سنڌ ۾ برهمي لکت ۾ هڪجهڙائي رکن ٿيون. هن صورتحال مان ائين پائنجي ٿو ته تحرير جي ناتي سان منجهن خيالات جي ڏي - وٺ وارو هڪ ٽڪنڊائون لاڳاپو موجود هو. پر جيئن ته سنڌو لکت برهمي ۽ سامي لکت کان تمام پراڻي آهي، تنهن ڪري معلوم ائين ٿئي ٿو ته هن ٻنهي سنڌو لکت تان پنهنجون نشانيون ورتيون آهن. اها به هڪ حقيقت آهي ته سميري لکت سنڌو سيپتا جي پوئين دور ۽ هڙاپا کان پوءِ واري زماني ۾ بيٽ دوارڪا Bet Dwarka جي سهيوگي آهي. تنهنڪري سامي لکت جي علامتي نشانين جي صوتي ملهه کي پوئين دور جي سنڌو سيپتا جي نشانين جي صوتي ملهه سان هڪ جهڙائي ڏني وئي آهي.

سنڌو لکت جي پڙهڻ واري پهرئين مرحلي ۾ لکت جي چاونجاهه لکت ۾ فقط انهن نشانين کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪي سامي لکت جي علامتي نشانين جهڙيون هيون. (ڏسو خاڪو 56 ۽ 57). اهڙيءَ ريت پنهنجي مقصد جي موتي ماڻڻ واسطي انهن نشانين کي هٿ به ڪونه لاتو ويو، جن جو سامي لکت سان لاڳاپو ڪونه هو. هن ڳالهه کي به ڌيان ۾ رکيو ويو ته سامي لکت ۾ فقط وينجن آهن ۽ اها سُر آواز کان خالي آهي. پر ان جي سنڌو لکت ۾ سُر آواز موجود آهن. سامي ٻولي ۾ سُر آواز لاءِ فقط قياس ڪيو وڃي ٿو. مثال طور ڪتب KTB سامي ٻوليءَ جي هن لفظ کي ڪِتب Kitab ۽ ڪُتب به لکي سگهجي ٿو. يعني سُر آواز نه هجڻ ڪري مونجهارو ٿئي ٿو، پر سنڌو لکت جي لکڻهارن وينجن جي وچ تي سُر آواز واريون چنهنيون ليکون، (اعرابون) ڏئي ڳالهه کي چٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو آهي. جيئن مثال طور پَ P+A ، يا P+A+A. ان سان گڏ سُر آواز جي ابتدائي نشاني ي ڪي به ڪتب آندو اٽائون ۽ وري وڌيڪ ڇنهنيون ڏئي سُر آواز جي ڏگهي اچار لاءِ آ ـ A، آئي AE آئو AO وغيره جو اچار به حاصل ڪري ورتائون. جتي تصويري تحرير ۾ هن نشانيءَ جي شڪل ڪجهه اندر تي وريل آهي، جنهن کي سُر آواز الف A جو اچار آهي. سامي لکت ۾ هن نشانيءَ کي ڦيرو ڏئي وڃي 90 درجن تي بيهاريو ۽ ان سان هڪ ڇنهنب جو به واڌارو ڪيو ويو ۽ ان کان سُر آواز الف A جو ڪم ورتو ويو آهي. پر برهمي ۾ ان جو استعمال تمام گهٽ ڪيو ويندو هو ۽ آ A جي اچار لاءِ نشاني ي ڪي به پينرا ڪتب آندو ويندو هو. جڏهن آ جي اچار جي ضرورت پوندي هئي تہ ان کي هڪ ڇنهنب ڏني ويندي هئي. هن ڳالهين کي ڏيان ۾ رکي سوچجي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ سيبتا جي پوئين دور ۾ ا نشانيءَ کي ə صوتي ملهه ڏنو ويو، جنهن مان آ A، آ A، آئي AE ۽ آئو AO جا اچار نڪرندا هئا. لکت جي هئي مرحلي ۾ نشانيءَ سان ا کي گڏائي لکيو ويندو هو. سنڌو لکت جي نشانين ۾ وينجن، سُر آواز ۽ به سُري سُر آواز Diphtong کي هڪدم سجاڻي ونجي ٿو ۽ انهن کي تصويري نشانين کان نِکيڙي الڳ ڪري سگهجي ٿو (خاڪو 35 - 37). اهو نشانين جي مرڪب جي بناوت جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ سان ممڪن ٿي پيو آهي. سنڌ سيبتا جي پوئين دور وارن تَهَن مان ساهوارن جي تصويرن جهڙيون نشانيون تمام گهٽ لڏيون آهن. سنڌ سيبتا جي قديم ۽ وچين دور جي تهن مان انهن جو گهٽو انگ لڏو آهي. انهي ڪري پوريءَ پڪ سان ڇئي سگهجي ٿو تہ اهي بِڻَنِ پدن وارا لفظ آهن. هن لکت جي اوسر ٽن مرحلن ۾ پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي سجاڻ.

پهريائين اسان انهن آوازن کي الڳ ڪيو، جيڪي لکت ۾ جدا ڪندڙ نشانين وسيلي جدا جدا ٿيل ڏسڻ ۾ آيا. (خاڪو A-40 ۽ B-40). انهن جي فهرست ناهڻ کان پوءِ تحقيق ڪري سندن معنيٰ بابت ڄاڻ حاصل ڪئي وئي (خاڪو 43 ۽ 55). پهرئين ۽ ٻئي مرحلي جي هڪ سو ستٽيهه لکتن جي سيني آوازن کي هڪ جائتو ڪيو ويو. ويچارڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ هن ٻوليءَ جي صوتيات، لغت ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ بناوت، قديم هند ـ يورپي ٻوليءَ يعني ويدن وارِي ٻوليءَ جهڙي آهي (خاڪو 65-66) ڏسندڙ کي اچرج هن ڳالهہ جو ٿيندو تہ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هن لکت جي بنيادي اڏ اکري وارِين نشانين کي سامي اڏ اکري وارين نشانين جهڙو صوتي ملهہ ڏنو ويو آهي. ان جو جواب اهو آهي تہ سنڌ ماڻري جا ماڻهو غير سامي، هند يورپي ٻولي لکي سگهندا هئا. ان جو سبب اهو آهي تہ هنن وٽ سُر آواز موجود هئا ۽ وينجن سان ملائڻ جي وٽن واٽ هئي. سَامي نسل جي ماڻهن اهو رستو اختيار ڪونہ ڪيو هو، توڙي جو هنن وينجن سنڌ سپيتاجي پوئين دور جي لکت جي علامتي نشانين تان ورتا هئا.

هيٺ انهن سنڌي لفظن جي معنيٰ ڏجي ٿي، جيڪي اسان کي سنڌو لکت ۾ رگ وید (R.V) يا ٻين ويدن ۾ نظر اچن ٿا. جيڪڏهن اسان کي رگ وید (R.V) ۾ مختلف شڪلين ۾ ڪي سامي لفظ نظر آيا تہ انهن جو بہ ذڪر ڪيو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي لفظ	معنيٰ
اپ Ap	ڪم. (رگ ويد ۾ ڪرما آيل آهي - انتريڪساANTARIKSA بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو).
اپا Apa	پاڻي (اپاه جي معنيٰ پڻ پاڻي آهي) رگ ويد ۾ هڪ درياه جو نالو آهيَ.
ام Ama	سگهہ، ڏپ
اتاAta	روشن (رگ ويد ۾ آتڻ ATAN معنيٰ روشن آهي)
اوکOakha	رهڻ جي جاءِ (ياجين سالا جي حوالي سان رگ ويد ۾ اوکس)
ترسTaras	سگهہ، سگهارو. (رگ ويد موجب ترس معنيٰ، سگهہ، رفتار، ترقي) رگ ويد ۾ تيز رفتار شيءِ کي هن نالي سان سڏيو ويو آهي.
تر Tar	پار ڪرڻ، ڪارڻ، پاڻيءَ سان لا ڳاپيل هنر (رگ ويد ۾ پراتارا جي معنيٰ ساموندي سفر آهي)
Dhal	سنياڻڻ، بچائڻ، سهائتا ڪرڻ (رگ ويد).
ڏا/ڏَDa/Daڏ	بخشش ۾ ڏيڻ (ڏيڻ عطا ڪرڻ (رگ ويد)
پ/ پا Pa /Pa/Ppa	بچائڻ - بچائيندڙ پوئي معنيٰ بچائڻ (هند - يورپي)
اٿا ATHA	باه يا باه جو ديوتا (هند- يورپي ۾ باه - اٿر ويد ۾ پڻ باه)
رلا Ral	ڏيڻ - دولت - دولت جو ديوتا (رگ ويد)
اما Ama	مِهر - ڪرم - بچائڻ (اٿر ويد ۾ اومين معنيٰ سهائتا ڪرڻ. رگ ويد ۾ اوماسa جي معنيٰ آهي بچائيندڙ)
پَ يا پاPa/Pa	(رگ ويد ۾ بچائڻ) بچائيندڙ.
گا Ga	برهس پتي - ڏرتي (رگ ويد). گا معنيٰ ڳائڻ اندرا (رگ ويد)
گها Gha	
پت (پتي) Pat (Pati)	سر دار - حڪمران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليٽ CXXVI کان CXXX تائين لکت جي معنيٰ

پليٽ CXXVII موجب لکت جي معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي.

(الف) ۔ پکہ PP-KA۔ پکہ PA-KA معنيٰ سنياليندڙ

(ب) پکها Ppa-Ka-Ha پکها Pakha معنيٰ سنياليندڙ

(ب) پ ک آئي بکــــ =P-KA-AE-BA-KA= پکائي باڪا Pakaebaka سنياليندڙ مان سردار (يا ديوتا) ٿي ويو.

(پ)۔ پَر = Pprبچائڻ ۔ بچائيندڙ.

پت ۔ پاه ۔ ساگها ۔ پهہ ۔ را ۔ Pat - Pah - Sa - Gha - Pah - Ra پتي پهہ سا ۔ گها (ساڪا) پهہ ۔ را (Saka) Pati - Pah - Sagha معنيٰ Pahra سردار بچائيندڙ جو دوست بچائيندڙ ۽ عطا ڪندڙ.

پليٽ CXXVIII

(الف) پت (پتي) ايڪ بڪا ۔ A - Pata (Pati) Eka - Baka بچائيندڙ (يا سردار) مان اڪيلو ديوتا (Singular God) بنجي ويو.

(ب) ايڪ تري ۔ پتPpat - Tri - Eka هڪ، جيڪو ٽن پاسن کان بچاءِ ڪري. يا ايڪ تري پت EKA - Trèppat اڪيلو جيڪو شال راضي هجي Singulerly Pleased

(ب) پ / پئر ۔ تري ۔ س ۔ دا ۔ PA/AETRISA-ADA = PA/AE- TRI-S-DA بچاءِ، اي ٽن سگهن وارا شڪتيوان.= هڪ سگهاري قوت کي باڏائڻ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) پت ۔ پگ ۔ هاراRA-HA- BHAGA-"/ PATA' =مالڪ /
ڏاتار بچائيندڙ

(ب) پارڪ آر=PA" RK AR = بچاءِ ارڪا (باه جا ديوتا) سپ
ساراهون تولاءِ (ساراهن جوڳو)

(پ) پا / هپاتا (يا سپاتا) سس آ (سَسا)
=Pa-Hapta (Sapta) SAS-A Sasa

(پ) ٽـري ۔ س ۔ دا Tri - S- Da = Tri - Sada ٽنهي پاسن کان
سگهارو

(پ) ٽـرِي ۔ پ آ Tri - Ppa - A = ٽن پاسن کان بچائيندڙ. ٽرِپِيا
ٻيڙيءَ جو هڪ قسم آهي)

پگ = Pag = ڏپ ۔ سگهارو (هند يوربي ۾ پگ - سگهارو ۔ رگ
وید ۾ پاجس جي معنيٰ آهي سگهہ)

پاه = Pah = پاه = بچائڻ،بچائيندڙ.

پر= Para = تمام مٿاهون. (رگ وید ۾ بہ پر Para جي معنيٰ آهي
تمام مٿاهون)

پـت ۔ دس = Pat-Dasa = خوبصورت حاڪم (دس درسني ۔ رگ
وید)

پت =Ppat/Pat= حڪومت ڪرڻ، حڪومت ۔ حاڪم ۔ ضابطو رکڻ،
حڪمراني ڪرڻ (رگ وید). پتي معنيٰ مالڪ ۔ سردار

پپ = Pap = بچائڻ، بچائيندڙ. (پا/ پابو Pa/Pabu بچائيندڙ رگ وید)

پب = Pab = بچائيندڙ (حِتي هولي)

ڦگ = Phag = ڦاگا Phaga = پاڳا Bghaga = مالڪ ۔ ديوتا ۔ ڏاتار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ياڳا معنيٰ ڏيندڙ ۔ ياجهارو ۔ ڏاڻي ۔ ڏاتار ۔ رگ ويد)

ياڳا. قديم سلاو Slav هوليءَ ۾ بوگو Bogu چيو ويندو آهي.

اٿر ويد ۾ باگا Baga ۽ رگ ويد ۾ هن جي معنيٰ ديوتا ۽ حصو يا ياڳو پڻ آهي.

مدّ = Madh = رگ ويد ۾ مد Mad آهي، جنهنجي معنيٰ آهي خوشي. منجهس مدا Mada جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ شراب آهي.

ساسُ Sas = حڪومت ڪرڻ ۔ حاڪم ۔ رگ ويد ۾ ساس Sas جي معنيٰ حڪم ڪرڻ آهي.

ساسا Sasa = هن لفظ جي رگ ويد ۾ معنيٰ آهي حڪومت ڪرڻ. جيڪڏهن هن لفظ کي سسا Sasa ڪري پڙهبو تہ سنڌس معنيٰ ٿيندي ساراهيل. سهس جي معنيٰ تعريف يا ساراه آهي (رگ ويد)

سپ = Sap = پٽ ۔ پاراتو.

ها = ڪا . ها معنيٰ خال. آسمان (رگ ويد). ها = سهائي (هاهس Hahas رگويد)

پڪ ۔ Paka = سنياليندڙ. (پيٽائي ڏسو اسواپڪ Asvapaka جنهنجي معنيٰ آهي سڏاريندڙ Groom).

اَئڪا = Aika = هڪ (ائڪا Aeka هڪ. رگ ويد)

هَپتَ = ست. اٿروويد ۾ هپت ۽ رگ ويد ۾ سپت آهي.

دَسا = ڏهه.

ساتا Sata = سو

سَس Sasa/Sasa= سسا = سهڻ، پارنهن سگو، رگ ويد ۾ هن لفظ جي معنيٰ چراخ بہ آهي.سس ڪتاب جي هڪ مصنف جو نالو بہ ملي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهہ / Sah/ Saha سها = فاتح - سوپارو . (رگ وید ۾ سها جي معنيٰ سوپارو ٿيڻ آهي. سهہ جي معنيٰ سگهہ، ڏيڻ، شڪتي ۽ آهي.
وه Vah = هاڪارڻ. هاڪارِيندڙ ٻيڙي (رگ وید)
پپر Papr = بچائيندڙ يا بچايل (پر PR تي زور ڏئي چوڻ جي شڪل)
پاد Pada = پير يا چوٿون پاڳو
آرا Aara = ساراه جوڳو (رگ وید ۾ هن جي معنيٰ ساراهڻ آهي)
مها Maha = وڏو. (رگ وید مها = وڏو - سگهہ ۽ سگهارو)
ائتا AETA = چمڪندڙ.
گرا GARA = پيئڻ. (رگ وید ۾ هن جي معنيٰ شربت پيئڻ / شراب پيئڻ آهي)
ره RHA = (ارهہ) لائق ۽ قابل. (رگوید ۾ لائق ۽ قابل هجڻ)
آه = هل چاڙهڻ . رگوید ۾ آهو AHU معنيٰ هل چاڙهڻ آهي،
ها = حِتي هوليءَ هن لفظ جي معنيٰ اعتبار ڪرڻ آهي. هاڪا معنيٰ اعتبار جوڳو.
مهہ = مک MAKHA = مزيدار (رگوید ۾ مک MAKHA معنيٰ، مزيدار ۽ طاقتور)
مهاهہ MHAH = معزز ۽ محترم (رگ وید ۾ مَها پوجايل آهي)

ڪنهن هوليءَ کي سچائڻ سمجهڻ واسطي فقط اهو ضروري ڪونہ آهي تہ ان جي لفظن جي ڪن آوازن کي ڪنهن جاتل سچاتل هوليءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم موجب ڏنو ويو هجي. پر ان سان گڏ اهو بہ لازمي آهي تہ ان جي بناوت تي بہ ويچارجي ۽ اهو بہ ڏسجي تہ اها هولي ترڪيبي لفظن واري Agglutinative آهِي يا گرداني (تصريفي) INFLEXIONAL آهي. سنڌو لکت جي اصلي لفظن جي پچاڑين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گرداني (تصريفي) وصفون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، اهڙا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

(1) بڪ، بڪ + ا، بڪ + آئي AE، بڪ + ها

BAKA, BAKA + A ،BAK + AE ،BAKA+ HA

(2) پڪ، پڪ + آ، پڪ + آئي AE، پڪ + ها

PAKA,PAKA+A, PAKA + AE, PAKA + HA

(3) پ، پ + آ، پ + آئي، پ + ها

PA,PA+A,PA+AE,PA+HA

هتي ڏٺو ويندو تہ پ PA، پڪ PAKA ۽ بڪ BAKA سان، آ A، آئي AE ۽ ها HA جون پڇاڙيون آهن، جيڪي هند - يورپي ٻوليءَ جيان، واسطو ڏيڪارينڊ فعلي صورتون، اسم جون ظرفي حالتون ۽ اضافت جي حالت ڏيکارين ٿيون. مٿي بيان ڪيل سنڌ لکت ۾ موجود هن کان اڳ بيان ڪيل بنيادي نالن جي گردان جو مطلب ۽ مفهوم هيٺ ڏجي ٿو.

(1) پَ PA معنيٰ بچائيندڙ + آ معنيٰ بچائيندڙ کان. پ آئي PA+AE پَائي معنيٰ بچائيندڙ کي يا ڏانهن ۽ پ + ها PA+HA معنيٰ بچائيندڙ جو يا جي.

(2) پڪ PAKA= سنياليندڙ . پڪ آ PAKA + A= سنياليندڙ کان . پڪ آئي PAKA+AE سنياليندڙ کي يا ڏانهن. پڪ ها PAKA+HA معنيٰ سنياليندڙ جو يا جي (پليٽ XCVI)

(3) بڪ BAKA جو گردان بہ ساڳيءَ ريت آهي.

امڪان آهي تہ باڪ BAKA ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو هجي، چاڪاڻ تہ هن جي پٺيان پا PA يعني بچائيندڙ ۽ پت حاڪم جي صفت يا وصف ڏسجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رگ ويد ۾ بہ ٻاڪ هڪ ماڻهو جونالوآهي، جنهن جي ابي ڏاڏي جو نالو دلپا DALBHA يا دلپيا DALBHYA آهي. جيڪڏهن هيءُ لفظ پاڻگا جي آواز جهڙو آهي تہ پوءِ ان جو مطلب ۽ مفهوم "ديوتا" وجي ٻيهندو. لکت جي پڙهڻي هن ريت آهي: پَ + ڪَ آئي - بَ - ڪَ - آ = پڪائي

بڪا PA-KA-AE-BA-KA-A=PAKAE-BATKA جنهن جي امڪاني معنيٰ ٿيندي: بڪا کان موڪليل سنپالينڊر ڏانهن. ساڳيءَ ريت بَڪَ - آئي - پ - آ = بڪ آئي - پا BAKA - - AE - P- A جنهن جي معنيٰ آهي بڪا ڏانهن، جيڪو سنپالينڊر آهي. سد پت - آ SADA - PAT - A جي لکت جي پڙهڻي هيءَ آهي "طاقتور حاڪم کان". اهڙيءَ ريت، آ A ۽ آئي AE جي پيڇاڻين جو استعمال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جن جي معنيٰ "کان" ۽ "ڏانهن" آهي ۽ انهن سان گڏ، هـ/ اهـ (HA/AHA) جي پيڇاڙي بہ آهي، جيڪا سنڌ - لکت وارين مهرن تي نظر اچي ٿي. هي مهرجي مالڪ يا مال موڪلڻ واري کي سيڃاڻڻ واسطي صحيح نڪتو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ لکيل آهي فلاڻي يا فلاڻي ماڻهوءَ وٽان يا فلاڻي يا فلاڻيَ ماڻهوءَ جو وغيره. مثال طور هيءَ لکت ڏسو، پت - پَ - ڪ - آءِ - پ - ءُ = پت - پڪاءِ - پَ، جنهن جي معنيٰ آهي: پڃائيندڙ طرفان مقرر ڪيل سنپالينڊر حاڪم ڏانهن. ڪڏهن وري جنهن ڏانهن مال موڪليو ويندو هو، تنهن ڏانهن پڻ اشارو ڪيو ويندو هو، تہ فلاڻي يا فلاڻي ماڻهوءَ ڏانهن. پر هن ڳالهہ تي بہ سوچڻو پوندو تہ اضافت وارين پيڇاڻين ۾ س بدران هـ جو اکر ڇو ڪتب آندو ويو آهي، تہ ان جي وراڻي اها آهي تہ قديم هند - آريائي ۽ قديم هند - ايراني (II) ۾ ان وقت تائين ٻنهي اکرن لاءِ جدا جدا اڇار موجود ڪونہ هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي اضافت ۽ اسمي پيڇاڻين ۾ س جو اکر بہ ڏسڻ ۾ ايندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هيٺ قديم هند آريائي (II) ۽ سنڌي ٻوليءَ جو گردان پيش ڪجي ٿو:

حالت	سنڌو لکت. هڑاپا/ يوءِ وارو هڑاپا دور	اويستان	سنسڪرت
	a آ	AVESTAN	
	a آ	س(س و)	
	ae آءِ	a	س-
	هـ / اهـ / آهـا يـس /Ha	اِي	آي،
	Ah/ Aha	(اس) و س	اي،
		هِي - هيا	سِيا

سنڌوءَ جي ٻوليءَ ۾ اهو صوتين يا آوازن جو سلسلو بامعنيٰ آهي. مثال طور پ PA جي معنيٰ بچائڻ، پ - هـ - را PAH - RA يا پَرا PARA جي سگهه عطا ڪندڙ، سهـ - پت SAH - PATE جي معنيٰ سوياروحاڪم ۽ پَ - سَدا PA - SADA جي معنيٰ آهي سگهارو بچائيندڙ. ڪڏهن وري ائين به ٿئي ٿو ته هڪ جدا اسم جي آڏو صفتي حالت ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. جهڙيءَ ريت سهـ - پت SAH - PATA ۾ ڏسجي ٿو. پرلکت جي گهڻن سلسلن ۾ جدا اسم جي پويان ڏسبو آهي. جهڙيءَ ريت پَ - سَدا PA - SADA. ڪن لکتن ۾ وري گهڻيون صفتون ڪتب آنديون ويون آهن، مثال طور پهـ - پپات PPAT = PAH - بچائيندڙ حاڪم يا گهَ - پَهـ - پپات - GHA = PPAT PAH - مشهور بچائيندڙ حاڪم. گهَ يا گها GHA جو لفظ پراسي دَهارتا PRASIDD-HARTHA ۾ به ڪتب آندو ويو آهي ۽ رگ ويد ۾ هن کي اندرا ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي.

سنڌوءَ جي ٻوليءَ ۾ بناوت ۽ گردانن (تصريفن) جا اهڙا گڻ آهن، جن مان اسان کي وڌيڪ ثابتي ملي ٿي ته سنڌي ٻولي ۽ قديم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هند ـ آريائي ٻوليءَ جي وچ ۾ ڪو ويجهو سنڌ ضرور آهي، جيڪو سنڌي ٻولي جي لغت ۽ لفظي معنيٰ مان ظاهر ٿئي ٿو. اسان کوجنا جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو آهي، تنهن ۾ اڳواٽ ڪوبہ اصول قائم ڪري ڪونہ ڇڏيو اٽئون تہ هيءَ ٻولي هند ـ آريائي سان لاڳاپو رکي ٿي يا هن جو تعلق دراوڙي ٻولين جي نسل سان آهي. ٻوليءَ جي بناوت جي چنڊ ڇاڻ مان اها ڄاڻ ملي آهي تہ سنڌو لکت صوتي لکت آهي. سامي لکت، سنڌو لکت جي سِهيوڳي آهي. ماهر هيءَ لکت پڙهي چڪا آهن. سنڌو لکت جي نشانين جو صوتي ملهہ بہ هن لکت جي نشانين جي آڌار تي ڪيو ويو آهي، جنهن مان اهي اهجاڻ مليا آهن تہ سنڌو لکت واري ٻولي قديم هند آريائي ٻولي آهي. ڪينيئر ولسن KENNIER WILSON جو خيال آهي تہ سنڌو جي ٻولي سميري ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿي. جڏهن تہ فيئر سروس،(14) پرپولا (15)، نوروزوف (16) KNOROZOV ۽ بونگارد ليون (17) BONGARD LEVIN جو چوڻ آهي تہ سنڌوءَ جي ٻولي پهرين دراوڙي ٻولي آهي. پرانهن ٻنهي امڪانن کي رد ڪري سگهجي ٿو. پهرئين امڪان جي رد ڪرڻ جو سبب هي آهي تہ سنڌوءَ جي ٻولي گرداني (تصريفي) INFLEXIONAL آهي. پر سميري ٻوليءَ ۾ سادا لفظ گڏجي مرڪب لفظ جوڙيندا آهن. ٻيو امڪان انهيءَ ڪري رد ڪري سگهجي ٿو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي وينجن جيڪي آوازن ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا، تن جو استعمال گهٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر تامل ٻوليءَ ۾ ائين ڪونہ آهي جيڪا دراوڙي ٻولي آهي. ان کان سواءِ تامل ۾ ڪ ۽ گ، ت ۽ د، پ ۽ ب، سَ، سِ ۽ سُ جي وچ ۾ فرق ڪونہ ڪيو ويندو آهي. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ هرهڪ آواز لاءِ جدا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. آخري ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوليءَ ۾ هڪ کان ٻارهن تائين انگ لکڻ لاءِ ڏگهيون ليڪون استعمال ٿيندڙ هيون. پر پراڻي تامل هوليءَ ۾ انگن لکڻ لاءِ الف ـ بي جون ڪي علامتي نشانيون ڪتب آندڙ ويندڙ هيون. متي ڏنل ويچارن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته سنڌي دراوڙي هولين جي مچلي مان ڪاڍ آهي. انهن گمانن ۽ انومانن جي آڌار تي اِها ڳالهه پرکي تصديق ڪرڻ جا گهٽا امڪان آهن ته سنڌي هوليءَ جو قديم هنڌ ـ آريائي هوليءَ سان ضرور ڪو سٻنڌ آهي. (اهو به چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ۽ قديم هنڌ ـ آريائي لکت جي وچ ۾ وقت جي وڏي وِٿي ڪاڍ آهي). پر سنڌي ۽ قديم تامل هوليءَ جي وچ ۾ ڪو لاڳاپو ثابت ڪرڻ انهي ڪري ناممڪن آهي جو ٻنهي جي وچ ۾ ٻارهن سو سالن جي وڏي وِٿي موجود آهي. تنهن ڪري ٽين صدي قبل مسيح جي تامل هولي جا لفظ، 2000 ق.م ڪان 1500 ق.م جي قديم سنڌي هوليءَ ۾ جاچڻ وڏي غلطي ٿيندي. ان ڪان سواءِ هن ڳالهه تي به ويچار ڪيو وڃي ته ٽين صدي قبل مسيح واريون تامل لکتون برهمي تحرير ۾ لکيون ويندڙ هيون.

نوروزوف هن نڪتي ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، ته هنڌ ـ آريائي هولي لفظي اڳياڙين واري ۽ سنڌي، لفظي پڇاڙيين واري هولي آهي. انهيءَ نقطي کي هلندڙ باب جي پڇاڙيءَ ۾ اجاگر ڪيو ويندو.

غير سامي علامتي نشانيون.

انهيءَ ڳالهه جو پڪو ويساه رکڻ لاءِ ته سنڌي هوليءَ کي پڙهڻ واسطي، کي اوپريون، اڻ ڄاتل ۽ غير موضوعي ۽ غير اصلي شيون ڪتب نہ آندڙ ويون آهن، ابتدائي صوتي ملهه انهن نشانين تائين محدود ڪيا ويا هئا جيڪي سنڌو ۽ سامي لکت ۾ هڪجهڙيون هيون. (خاڪو 57ـ56). ان کان پوءِ اسان ٻي ڳالهه اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي جو انهن ۾ غير سامي نشانين (ميڃيءَ ۽ انسان) ڪي پڻ صوتي ملهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي سون، انهيءَ ڪري جو اُهي سنڌو لکت ۾ گهٽيون هيون. (خاڪو 60-58). اِهي ٻئي نشان واضح آهن ۽ انهن جي صوتي وصف ۾ هاڻي ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي.جيئن ته سنڌي ٻولي قديم هند - آريائي ٻوليءَ جي وڏيڪ ويجهو آهي، ان ڪري ماڻهوءَ جهڙي علامتي نشانيءَ کي ايڪروفوني اصول مطابق اسان "ر" جو ملهه ڏنو آهي. نر لفظ ۾ ر جو آواز ACROPHONIC آهي ۽ رگ وید ۾ هنکي تر /NARA NR لفظ اندر ڏسي سگهجي ٿو، جنهن جي معنيٰ مرد ماڻهو آهي. جڏهن لکت ۾ موجود علامتي نشانيءَ کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته قديم هند - آريائي ٻولي ۾ مرد ماڻهوءَ لاءِ ڪم آيل ٻيا لفظ ڪو مفهوم پيدا ڪري ڪونه سگهيا. ساڳيءَ ريت ميڃيءَ جي علامتي نشانيءَ کي سڪولا SAKULA مان سَ جو ملهه ڏنو ويو آهي، رگ وید ۾ سڪولا هڪ ميڃيءَ جو قسم آهي. اسان کي پنج سو مهرون اهڙيون مليون آهن، جن تي ميڃيءَ ۽ انسان جي ڏار ڏار تصوير يا وري ٻنهي جون گڏيل تصويرون يا انهن جي سامهون علامتي نشانيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جيڪي سامي لکت جي علامتي نشانين جهڙيون آهن، جن جو اسان مٿي صوتي ملهه مقرر ڪيو آهي. سنڌي لکت ۾ ملندڙ اهي لفظ معنوي۽ علم صرف جي نقطه نظر کان قديم هند - آريائي ٻوليءَ سان ويجهو لاڳاپو رکن ٿا. تازو داني صاحب به هن ڪتاب جي مصنف کي ٻڌايو آهي ته جڏهن ميڃيءَ جي علامتي نشاني ڪنهن ٻي نشاني سان گڏ نه آهي ته پوءِ سمجهڻ کپي ته اها نشاني خود ملائيندڙ نشاني آهي اهڙيءَ حالت ۾، جيئن اويستان ٻوليءَ ۾ آهي. جيڪڏهن ميڃيءَ جي نشانيءَ جو ملهه خس XS مقرر ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي تہ قديم هند - آريائي لکت موجب اهو بہ وڃي سَ / س جي برابر ٻيهندو. ان کان سواءِ ميڃي جي هيءَ علامت ڪڏهن ڪڏهن تہ سنڌوءَ جي لکت جي هڪ سلسلي ۾ ٻہ ٻہ ٽي ٽي ٻيرا لڳاتار ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر جيئن تہ لکت جي هڪ سلسلي ۾ ٽن هڪجهڙ ملائيندڙ آوازن جي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ، جنهن جو مثال ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ موجود ڪونہ آهي، تنهن ڪري اسان ان نشان کي خَس جي بدران رڳو س وينجن وارو سولو ملهہ ڏنو آهي.

سنڌوءَ جي ٻولي جون ٻيون خوبيون جهڙوڪ: فعلي ترڪيبون يا اسمن جي مرڪبن جو جڙڻ، تن بابت بيان ڪنهن ٻئي هنڌ ايندو. هيٺ اسان سنڌو جا اُهي لفظ ڏنا آهن، جن ۾ ميڃي ۽ ماٺهوءَ جي علامتي نشاني ڪتب آندي وئي آهي، جنهن مان اسان کي پتو پوندو تہ علم صرف ۽ معنيٰ جي نقطہ نظر کان سنڌو لکت واري ٻولي ويدن واري ٻوليءَ جي ويجهو آهي.

سنڌو جي لکت وارا لفظ		مطلب
ٻير/ پر	PPR/RP	ٻچائڻ (رگويد). پرو PURU گهٽا، سگهارو (پليٽ XCIV)
ر		وڃڻ (TOGO) (رگويد)
در	DR	چيڻ (رگويد)
تر	TR	پار اُکرڻ. تراءِ TRAI ٻچائڻ. (رگويد)
تر/ ترا	TRA/TRA	ٻچائڻ (رگويد)
ترد	TRD	چيتون چيتون ڪرڻ
ترہ	TRH	چيپائڻ، ٻيرن هيٺان لتاڙڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درهہ	DRH	سگَهارو، دشمن. درنهہ DRNH = سگهہ (رگويد)
بدر، پدر	BADAR/ BHADAR	مانَ وارو، محترم- ڏن (رگويد)
دره	DRHA	رهواسين جو نالو(درهو: رگويد)
برهي	BARHI /BARHAI	گاه جو هڪ قسم ـ اگنيءَ جو نالو (ڏسو برهشي ـ رگ ويد)
تتر	TATR	پار اکرڻ جي فعل کي زور سان اچارڻ.
تريت/ ترت	TRITA/TRATA	اگنيءَ جو نالو (رگويد) بچائڻ وارو
سر	SR	وهڻ (رگويد)
برهہ	BRH	وڌائي وڏو کرڻ، وڌائڻ، وڏو (رگويد)
هر	HR	تباه کرڻ (رگويد)
رڪ	RK	پوڄا کرڻ، ساراهڻ، ارکا ARKA منتر ءِ ياڄينا (رگويد)
گر	GR	راگ ڳائڻ ـ ساراهڻ (رگويد)
مر	MR	مرڻ (رگويد)
را/ ر	RA / RA	ڏن، ڏن جو ديوتا (رگويد)
رد	RAD / RD	چمڪڻ (رگويد)
تريد = تريڏا	TRIDA / TRIDHA	ٽِيڏو (رگويد)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڌا	RDHA	سرسبز خوشحال (رگويد)
را/ را	RA / RA	عطا ڪرڻ (رگويد)
ريءَ/ راءِ	RAE - RAI	ڏن.(رَي RAY= ڏن(رگويد)
پپر	PAPR	بچائن جي فعل کي زور ڏئي چوڻ (رگويد)
پرپا	PRAPA	پاڻيءَ واري جاءِ (رگويد)

اهي لفظ جن ۾ مڇيءَ جي نشاني ڪتب آندي وئي آهي ۽ جن جو مُلهه سَ/ س مقرر ڪيو ويو آهي، تن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

سَئاسَ	SAS	سزا ڏيڻ (رگويد)
سَئاس	SAS = SAS	حڪومت ڪرڻ (رگويد)
ساڪ	SAK	سگهارو ٿيڻ (رگويد)
سئاپ	SAP	رستو (رگويد)
سَما	SAMA	ڏيرج. (رگويد)
سَنا	SANNA	ساراهڻ.سوپارو (هي لفظ سمس SAMS ۽ سئاد SAD مان ورتل آهي (رگويد)
ساڪا	SAKA	سگهارو (هن کي سڪرا SAKRA پڻ اچاريو وڃي ٿو(رگويد)
سادا	SADA	سوپارو . مڪيہ (رگويد)
سَاهہ/سهہ	SAH/ SAH	سوپارو ٿيڻ (رگويد)
ساساڪ	SASKA	ٻيڙيءَ جو ناکئو. (رگويد)
سئاسدا	SASDA	ڪماندر (رگويد)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساتا	SATA	سَو. (رگويد)
ساترپا	SATRAPA	دشمن کان بچائيندڙ
ساپا پار	SAPA-PAR	پٽ پاراتي کان بچائيندڙ.
دئا	DA	پوڄا
پئسا	PAESA	مُنهن (خوبصورت مهانڊو. رگ ويد ۾ سُپيسا آهي)

ڳٽپ جا انگ (خاڪو 63 ـ 61)

سنڌو لکت جي پڙهڻ وارن ۾ مرحلن دوران، هن لکت کي سمجهڻ جي ناتي سان اسان کي مکيہ اهجاڻ مليا آهن، جن مان پتو پوي ٿو تہ هن لکت ۾ اهڙيون نشانيون موجود آهن، جيڪي سامي لکت سان هڪجهڙائي رکن ٿيون، کي نشانيون اهڙيون ٻہ آهن، جن جي معنيٰ ايڪا AEKA يعني هڪ، هيت معنيٰ ست ـ دسا معنيٰ ڏهہ ۽ ساتا معنيٰ سَو آهي. هي لفظ هند ـ آريائي ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا جيڪي ويدن ۾ پڻ موجود آهن. اهو ٻہ امڪان آهي تہ اُهي هند ـ ايراني (II) جا لفظ هجن. ان ڪري گمان آهي تہ سنڌي ٻولي قديم هَنڊ ـ آريائي ۽ هند ـ ايراني (II) جا مکيہ معياري لفظ ڪتب آندا هجن. اسان کي سنڌ لکت بابت هڪ ٻي ڳالهہ اها معلوم ٿي آهي، يا تہ هن ۾ تارونءَ مان نڪرندڙ اچارن وارا اکر جهڙوڪ چ، ج ۽ جهہ يا زبان جي چوٽي ۽ تارونءَ وسيلي نڪرندڙ آواز CERELSSALS ت، ٽ، د ۽ ڈ جا اچار ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن، تنهن ڪري معياري لفظن بدران هيٺيان لفظ استعمال ڪيا ويا آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي	قديم هند ۔ آريائي	اويستان	
I ايڪا = هڪ	ايڪا AIKA= هڪ	ايوَ	AEVA
II دوا = ٻه	دوا DVA = 2	دوا	DVA
III تر = ٽي	ٽريTRI = ٽي	پري	PRI
IIII چار= چار.	جنو وار CATVAR	چپ وار	WAR CAP
IIIII يا بنٽ = پنج	پنچ PANCA	پنچ	PANACA
IIIIII سس= ڇهه	ساس SAS	هس وس	HSVAS
يا III			
III			
IIIIIII هپٽ = ست	سپتا SAPTA	هپت	HAPTA
يا			
IIII			
IIII			
IIIIIIII اشٽ= اٺ	اشٽ A'STA	اشت	A'SAT
يا			
IIII			
IIII			
IIIIIIIII نَو = نو	نَوَ NAVA	نَوَ	NAVA
يا IIIII			
IIII			
IIIII يا دس = ڏهه	دسا DASA	دس	DASA
IIIII			
IIIIIIIII			

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو لڪت ۾ ڪي انگ ايڪا، ڏوا، ٽري اڌ اڪري صورت ۾ لکيل آهن (پليٽ XCV) ايڪا جي لاءِ جيڪا علامتي نشاني ڏنل آهي، سا اڪيلو هڪ يعني لاثاني هڪ. جهڙيءَ ريت ايڪا آهي، جنهن جي معنيٰ آهي PA پا يعني اهو بچائيندڙ جنهن جو ڪوبہ مٽ ثاني ڪونہ آهي. بن لاءِ جيڪا علامتي نشاني ڏسجي ٽي سا ڏوا DVA جي اچار سان هڪجهڙائي رکي ٽي، جنهن جي معنيٰ ٽيندي روشني سهائي يا سرڳ. پت ڏيائوPATA - DYAU معنيٰ الاهي حاڪم يا چمڪندڙ حاڪم. رگ وید ۾ ڏيوDYU جي معنيٰ هئوس HAVIS ۽ آهي. ٽن جي انگ کي گهرٽري TRI جي صوتي ملهہ موجب ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا: پراترڪا PARATRKA يعني مٿاهين شان واري تثليث. تردا TRADA ۽ تري ڏا TRIDHA ٽيٽو. ٽرٽا = ٽريٽا = اگني. ٽراٽر TRATR = بچائيندڙ = اگني وغيره. ان کان سواءِ 4 ۽ 10 جون علامتي نشانيون اهڙيون آهن، جن مان عددي انگ جو مطلب نڪري ٿو. فن لئنڊ، روس جي ماهرن ۽ ان سان گڏ مسٽر فيئر سروس جو خيال آهي تہ قبي جهڙي علامتي نشاني ڏهن جو انگ ظاهر ڪري ٽي. جتي ان قبي جهڙي شڪل هيٺان ۽ يا چار ليڪون نڪتل آهن تہ اهي 2+10 يا 4+10 پڙهڻ گهرجن. ٻين عالمن جو خيال آهي تہ U ڏهن جي انگ جي علامتي نشاني آهي. جيڪڏهن سنڌ جي لکٹهارن وٽ ڏهن جي هڪ علامتي نشاني هجي ها تہ ان جي بدران ڏهہ ليڪا ڪونہ ڪين هان. وِج VIJ پنهنجو خيال هن ريت ظاهر ڪيو آهي تہ ويدن ۽ سنڌ سيٻيتا ۾ ڪجهہ KHA جو مطلب سَونيا SUNYA يعني ٻڙي آهي. پر ڪ + هَ جا وسرگ آواز Aspirate تمام گهٽ ڏسڻ ۾ آيا آهن ۽ هہ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچار کي ظاهر واري تسول Trident جهڙي نشانيءَ کي ٻيٽو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. هن مان ائين ظاهر ٿئي ٿو ته ٻنهي مان ڪابہ نشاني ٻُڙيءَ جي ٻين سان گڏي معنيٰ ڪانہ ٿي ڏيکاري. ٻئي پاسي سوپارا ياپا Subharayapa جو خيال آهي ته ڏسو، ڦٽي يا ڏانداريءَ جهڙيون علامتي نشانيون آهن، پوءِ اهي اپيون يا ليٽيل سنوت ۾ هجن ٿڏهن بہ ڳٽپ جو انگ ظاهر ڪن ٿيون. ٻين عالمن جو خيال آهي ته گهٽين لکتن ۾ ويدن جا ڇند وغيره نقل ڪيل آهن. پر هي انومان ۽ اندازا لکت جي بناوت بابت ڪا اصولي ۽ باضابطہ چنڊ چاڻ ڪانہ ڇئي سگهيا ۽ نہ وري اهڙن طريقن اختيار ڪرڻ سان هيءَ لکت پڙهي سگهبي.

هن لکت کي انگن وسيلي پڙهڻ جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن ۾ انهن جي معنيٰ ۽ سمجهائي وئي آهي. (خاڪو 65 ـ 61).

ايڪ پڪ را AEK-PAK-RA اڪيلو سنياليندڙ، عطا ڪندڙ

ايڪ سانا AEK - SANNA اڪيلو سوپارو، اڪيلو ساراهيل

پاڏيائو ـ اساوا PA-DYAU-ASVA بچاءِ اساوا ديوتا يا بچائيندڙ چمڪندڙ اگني.

ساهہ ـ ترا SAHA-TRA سوپارو بچائيندڙ. ڏسو تراترهہ اگنيءَ جي مُهر.

ساد ـ اتري SADA-ATRI مهان اتري. هي حوالو ڇن جوڙيندڙ اتري ڏانهن آهي. جيڪڏهن 111 کي تر پڙهنداسين ته اتر ATAR جو لفظ باه جي ديوتا جي معنيٰ ڏيکاريندو.

پا ڪتر ـ ها PA-CATR-HA ڇئن جو بچائيندڙ. هيءُ اشارو ڇئن قسمن جي قرباني‌ءَ ڏانهن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتر سادا QATRSADA = چار مهان . اهي چار ڪير آهن؟ تن جو پتو ڪونہ ٿو پوي. پر، سادا SADA جو اشارو ٻل چاڑهڻ ڏانهن آهي.

دراهاس ۔ پنت پائي DRUHYU - PAE PANT - DRAHAS DRHدرهہ (دروهيہ DRUHYU) لاءِ جيڪو پنجن جو بچائيندڙ آهي، رگويد موجب دوروهيہ پنچاجنا (PANCAJANAH) سان واسطو رکن ٿا.

مها سسا سادا MAHHA - SSA - SADA ڇهہ مهان ڏاتار

پا هپت ۔ ساس ۔ رادا PA - HAPTA - SAS - RADA قدرت طرفان بچائيندڙ حاڪم.

جيڪو ستن جو بچائيندڙ آهي يا جيڪو ستن ساراه جوڳن خوشحال سدا روشن وجودن کي بچائي ٿو. هپت ساس جو اشارو شايد ستن چمڪندڙ Saptarsis تارن ڏانهن آهي.

ياگ استا ۔ ڪا: BHAG - ASTA - KA استاڪا = ڏاتار. هي ماٹهوءَ جو نالو آهي.

دس دا DASA DA ڏهن کي بچاءِ. ڏهن جي سهائتا يا واهرڪر ڏهن کي بچائڻ جي گذارش آهي. رگ وید دسا.

راجنا DASA RAJNA آهي. دها DHA بچاءِ (رگويد)

تصويرون (خاڪو70-65-63)

سنڌو لکت ۾ بنيادي چوٽيہ روان نشانين کان سواءِ اناويہ تصويري علامتي نشانيون آهن، (خاڪو 36). انهن مان اٺ تصويري نشانيون گهٽيون(وري وري) ڏسبيون آهن، باقي ٻيون ڪڏهن ڪڏهن اک تي چڑهن ٿيون. آوازن جي ٻين مددي AUXILIARY نشانين (ليکن) يا تصويري يا روان علامتي نشانين، يا هڪڙين تصويري علامتن کي ايين يا روان ليکن سان ٻين تصويري علامتن سان ملائڻ مان ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي ٿو تہ انهن مان گهڻيون علامتي نشانيون صوتيہ نشانيون آهن. ان جو مثال اهو آهي تہ وڃون ۽ پير جي تصويري نشانن مان انهن روان نشانين کي ملايو ويو آهي جن کي اءَ ۽ هَ جو صوتي ملهہ ڏنو ويو آهي. ٻيو تہ ٽڪري يا جبل جي علامتي نشاني کي چودڳي ۽ پير جي پن جي علامتي نشانيءَ سان ڳنڊيل ڏسجي ٿو (خاڪو 39). ان کان سواءِ پکيءَ جي تصويري نشانيءَ سان اها روانُ علامتي نشاني ملائي وئي آهي، جنهن جو صوتي ملهہ را RA آهي (خاڪو 63). هن مان واضح ٿئي ٿو تہ مورتون يا تصويريَ علامتون فقط تصويري تحريرون ڪونہ رهيون هيون ۽ نہ وري انهن ۾ لفظي تحرير جي ڪا خاصيت باقي هئي. ائين بہ ڇئي ڪونہ ٿوسگهجي تہ اها ڪا الف ۔ ب بہ هئي. پر اها لکت پدائتي ضرور هئي ۽ ٻن ٽن مثالن کانسواءِ انهن جي شڪل صورت لفظن جي علامتي نشاني هئي. مٿي بيان ڪيل اناويهن تصويري نشانين مان اٺن جي صوتي ملهہ جو تعين ڪيو ويو آهي، جيڪو تسلي بخش آهي. اسان ڄاڻون ٿا تہ سنڌي هند ۔ آريائي ٻولي جي بلڪل ويجهو آهي، ان ڪري سنڌ لکت جي تصويري علامتي نشانين جبل، ماڪيءَ جي مک، پکي، وڃون ۽ پير جي پن جو صوتي ملهہ تعين ڪرڻ ۾ هند۔ آريائي ٻوليءَ کان مدد ورتي وئي آهي. اسان هن ڳالهہ ۾ ڪنهن ٻلهي اندازي کان ڪم ڪونہ ورتو آهي. ڇاڪاڻ تہ مذڪوره لفظ، تصويري علامتي نشانين مان ٿهيل آهن، جن کي اسان پڊن جو ملهہ ڏنو آهي ۽ انهن کي پيٺي تصديق ڪري سگهجي ٿي. مثال طور اسان پکيءَ واري تصويري علامت کي ساڪ SAK ملهہ ڏنو آهي، جيڪو اسان رگويد ۾ بيان ڪيل هڪ (شگون) سُرڻ واري پکي ساڪونا يا ساڪنتا تان وَرتو آهَي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن پکيءَ لاءِ پکشي، وهاڳ وغيره جهڙن ٻين استعمال ٿيندڙ لفظن يا پکيءَ جي نالن (مثلا تتري tittiri) مان ملهه ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ه اُهي نا مناسب لڳا جڏهن پکيءَ جي مررتي نشانيءَ کي "پکش" يا تَت يا تِت جو ملهه ڏئي ٻين نشانين سان گڏي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ انهن مان بہ ڪو مفهوم ڪونہ نڪتو. نيٺ ان نتيجي تي پهتاسين تہ سڪ ملهه تسلي بخش هو. اهڙيءَ طرح ٻين هيٺ بيان ڪيل تصويري لکت جي علامتي نشانين کي بہ صوتي ملهه ڏيڻ وقت ساڳين ويچارن مطابق توريو تکيو ويو.

خاڪو نمبر	تصويري لکت	قديم هند آريائي پدن مطابق قدر	ڪيترا پيرا آل
63-65	ٻني، ڪيت، ميدان	ڪشيترا ڪشاترا ڪشہ (ڪيت)	217
	چوڏڳي ROAD	تارا تر	157
	CROSS		
	وڇون SCORPOIN(	ورسچيڪ ورس	106
پير	پير جو پن	اشاوڻا آشق	90
		ڏاما ڏا	78
خاڪو. 65	ڏکنبو- ليڏيل سنوت وارين ليڪن سان- (گهر) شهر لاءِ تصويري لکت.		66
(شگون)	سِوڻ وارو پکي ڏکري	شاڪونا شاڪ آدري آدر	55

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاڪو نمبر65	هٿ	هستا	هس	46
=	ٽي	تريدا	ترد/تريدا	42
=	ماڪيءَ جي مک	مڪشي	مڪش	23
=	جانور (ڪتو)	سوان / سونا	سوان/سونا	55
=	سگ	سرنگا	سرن	26

هن کان سواءِ ٻيون به ٻارنهن تصويري علامتي نشانيون اهڙيون آهن جن کي اڳ ڪو صوتي يا لفظي ملهه ڪونه ڏنو ويو آهي. پر 3200 علامتي لکتن جي انهي سڃي وٽي مان پنج نشانيون اهڙيون آهن، جيڪي ٻاويهن کان ٽيهه ٻيرا ڏنيون ويون. باقي ٻين جو ورجاءَ اڳ به گهٽ ڏنو ويو آهي. تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي سُڃاڻ تي اهي ڪنهن به طرح تي اهي اثر انداز ٿي ڪونه ٿيون سگهن. ڪل 3200 لکيل شين مان ڇهه سو اهڙيون نشانيون آهن، جيڪي پڃي پري ناس ٿي ويون آهن، تنهن ڪري اهي سنڌي ٻولي کي سمجهڻ جي ناتي سان لاڳاتيون ڪونه ٿيندون. باقي 2600 لکيل شين مان 1500 اهڙيون آهن، جن کي تسلي بخش نموني پڙهيو ويو آهي ۽ لکت جي مقصد کي ڇڳيءَ پَرِ سمجهيو ويو آهي. انهن اهم تصويري علامتي نشانين جي هيٺ معنيٰ ڏجي ٿي جن جو ورجاءُ گهٽو ڏنو ويو آهي:

پير جي پن جي علامتي نشاني (1) اشوا. ماٺهوءَ جو نالو. اشوا هڪ ڏاهي ماٺهوءَ جو نالو سندس ابي ڏاڏي مان ڪنهن ماٺهوءَ جو نالو سمودري SMUDRI. رگ ويد ۾ اگني کي اشوا به چيو ويو آهي. (2) پتا PATA اشوا کا جنهن جو مطلب آهي، اشواکا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم يا سردار اڳني. (3) اشوا اوشا OASA (اوشا). پا، معنيٰ بچائيندڙ، سدا چمڪندڙ اڳني يا اسوا (باهه جو ديوتا)، جيڪو سدائين روشن محافظ آهي. (4) اشوا- س- تر= اسوا- ساترا معنيٰ گهوڙي جو ٻل چاڙهڻ يا اسوا جي آڏو قرباني. ساترا SATTRA سوما SOMA جي قرباني جو هڪ طريقو آهي. يا اها قرباني جنهن جي ڪرڻ سان انسان جو درجو بلند ٿئي (رگويد). (5) هپتہ ساس SASA HAPTA (يا سا) معنيٰ ستن جي حاڪم وتان. يا ساراهيل ستن جو اشوا.

ويجون جي علامتي نشاني (6) ورسان- پا پر= سگهارو بچائيندڙ (ورسن). مهان سگهارو (رگويد). ماٿهوءِ جو نالو (اٿر ويد) (7) پاتر ساڪ ورسا. بچائيندڙ ڪان. ورسا جيڪو سگهارو محافظ آهي. ورسا، اندرا، وشنو ۽ اگنيءَ جو لقب بہ آهي (رگويد). (8) پا- ساس- پا ورسان- تا (تارا)= بچاءِ سساپا تون سگهارو بچائيندڙ آهين. هتي چودهڳي واري علامتي نشانيءَ کي صوتياتي تصويري علامت طور لکيو ويو آهي، جنهن کي تار TAR يعني گذري وڃڻ، لنگهي وڃڻ، پار پوڻ جو صوتي ملهه ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن ڪنهن حڪمران يا ديوتا لاءِ لکيل آهي تہ جنهن لاءِ بچائيندڙ جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي تہ هن لکت جو مفهوم ڪجهه هن ريت هجڻ گهرجي: بچاءِ سساپا، تون ئي سگهارو حڪمران آهين. سسا جو لفظ سامس SAMS تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ساراه جوڳو. (9) ورسا ساءِ- ترتا = ور سائس- تراتا، (سگهارو) بچائيندڙ. (10) اسواها- پا- ورس- سس ماهي اسواڪاءَ = بچائيندڙ، مردانگي وارو وڏو حڪمران. هتي ڏسڻ ۾ ايندو تہ جَتي لکت جيان ورس جي پيڇاڙي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

س سان نظر اچي ٿي. ٽڪري يا جبل جي علامتي نشاني. (11) پا ڏوا DVA "PA (= ڊِيُو DYU)، سسا بادرا (يا پادرا). جنهن جي معنيٰ ٽيندي، بچاءِ ساس ديوتا (يا ساس حڪمران) جيڪو ڏن وارو ۽ سڳورو آهي. (12) ڏادراما- دواپا (پادرا- ما- دواپا) تمام گهڻو سڳورو ڏن وارو) ٻيٽ Island. (13) دِوا- اپا= دواپا، ڏرتيءَ جي ان ٽڪري ڏانهن اشارو آهي، جيڪو ٻن پاڻين يعني ٻن درياهن جي وچ تي آهي، اهو اٿر ويد جي لفظ دواپا جو هم آواز ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ رگ ويد ۾ دويپا DVIPA آهي. (14) اسواپا- ڏادرا- ما (پادرا- ما)، جنهن جي معنيٰ آهي اسپواپا، جيڪو گهڻو سڳورو آهي. رگويد ۾ پادرا جو مطلب ڏن آهي. (15) ڊيو DYU ڊِيو DIV معنيٰ ديوتا يا چمڪندڙ. (16) پا دردا- پا- ساڪا= بچاءِ داردا، سگهارا بچائيندڙ. داردا ماڻهو جو نالو آهي. در کي جيڪڏهن زور ڏئي پڙهبو ته دادر ٿي پوندو، جنهن جي معنيٰ آهي عزت ۽ احترام ڪرڻ (رگويد). (17) داردر- سا ساڪا- ترادا. (ترادا معنيٰ ترئيدا). مات وارو (يادارا) بچائڻ وارو ڪماندر. (18) ڏادرا (پادرا) اوماسا تريدا= بچائيندڙ سڳورو ساڻي. (19) ڪسڪ ساداها- ايڪا- اسوا= لاثاني گهوڙي ورهائيندڙ. (ڪسد= ڪهڻ ورهائڻ رگويد). جيڪڏهن ڏرتيءَ جي علامتي نشاني ڪساتر KSATRA آهي ته پوءِ لکت جي پڙهڻي هن ريت ٽيندي ڪسڪا ساترا ۔ دا ۔ ها = ايڪا ۔ اسوا. ملڪ عطا ڪندڙ لاثاني اسوا (اگني). پکيءَ جي تصويري علامت. (20) پاتا (ساڪا) ها = ساڪا حاڪم جي مهر. ٻڌ دور کان اڳ هندستان ۾ "ساڪا" حڪمران گهراڻو هو، جنهن جو ماضي ڏاڍو شاندار رهيو آهي. جيڪڏهن هيءَ علامتي نشاني ڏنگين اندر آهي ته پوءِ سمجهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي ته اهو ڪنهن نالي ڏانهن اشارو آهي. (21) ساڪا ڪترڪا= جيڪو چئن سگهارن تي مشتمل آهي. (22) (سڪارا دِوا) ساساڪا ـ تردا قدرت جي طرفان بچائيندڙ سگهارو ڪماندر. (23) اسواڪا ـ پاهه ـ ورسا ـ ساسا= (ساسا) ـ مها ـ اسواڪا= بچائيندڙ طاقتور وڏو حڪمران. (24) پادرا ـ تر ـ تر ـ (= تراتر) ـ پا پنڌا . ها = سڀورو بچائڻ وارو (اگني) پنجن جو محافظ. هتي تراتر جو اشارو اگنيءَ ڏانهن آهي، جنهن کي رگويد ۾ تريتا يا تراتر به سڏيو ويو آهي. جيڪڏهن پنڌا ـ ها کي هڪ لفظ جي صورت ۾ پڙهبو ته "پنجوٽو" جو مطلب نڪرندو، جنهن جي معنيٰ پنجوٽي قرباني آهي ۽ اگني ان جو محافظ آهي.

ڏرتيءَ جي علامتي نشاني (25) راڪسڪس= بچائڻ يا پهرو ڏيڻ (رگويد). شايد هيءَ علامتي نشاني تصوري تحرير سان واسطو رکي ٿي جنهن جو صوتي ملهه ڪسا آهي (ڪساترا = حڪومت ـ طاقت). حِتي لکت ۾ ميخي خط واري علامتي نشاني ايڪساترا پڙ ايڪسا جو صوتي ملهه رکيْ ٿي. جيڪڏهن لکت کي رڪسا ڪري پڙهيو ويندو ته ان جي معنيٰ تارا ٿيندي (26) پا ترڪسڪس= بچاءِ ترڪس (رگويد موجب ترڪس ماڻهوءَ جو نالو آهي، جنهنجي وڏي جو نالو تراساداس ياوا TRASADASYAVA هو. جيڪڏهن هن لکت کي ترا ـ ڪس ڪساترا پڙهيو وڃي ته ملڪ جي بچائيندڙ جو مفهوم نڪرندو. (27) ڏاڪساها =لائق يا ماهر. (28) ڏاڪسا. دواپا = داڪاسا ديواپا. (29) ساتر ـ ڪساترا= بادشاه جي قرباني يا قربانيءَ جي طاقت. (ڪساترا= ڏرتي ـ ملڪ ـ حڪومت طاقت رگويد) يا قرباني ڏيڻ جي طاقت (30) "ڪساما" پاه ـ پاپر= بچائيندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاپر خطائون معاف ڪر. (هيءُ سنڌ سپيتا جي هڙاپا علاقي جو حڪمران هو. رگويد ۾ هن کي پپر PIPR ڪري لکيو ويو آهي. ٽي سگهي ٿو ته هن جو پپر PAPR جهڙو آواز هجي.

(31) ترمراکس ڪسا= تباه ٿيڻ کان بچاءِ (مراکس= پيهڻ، مهٽڻ، ناس ڪرڻ). (32) پارا، ترڪس ڪس = سپ کان مٿاهان تراکش.هن لکت کي هن ريت پڙهڻ گهرجي، پارا ترا = ڪساترا = ملڪ جو سپ کان مٿاهون بچائيندڙ.

هيٺ ٻه لکتون ڏنيون ويون آهن (الف) ڪساما ـ بادا (ب) پپتا ـ ڏڪسا= بخش ساراه جوڳا لائق حاڪم. (ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هيءَ معافي لاءِ ڪا گذارش آهي، جيڪا تعريف لائق ۽ ڏاهي حاڪم کي ڪئي وئي آهي). يادا= ساراه جوڳو. اهو پند (گذارش ڪرڻ واري) جو ڪم آهي ساراهون ڪري (رگويد). (33) شاڪا ـ ڪشاتا ـ پنڌاها ـ معنيٰ پنج سگهارا زخمي. پر هيءُ جملو پنهنجي پاڻ جي نفي ٿو ڪري. جيڪڏهن لکت ۾ ڪشاتراتا جو لفظ وڏو وجي ته مطلب ٿيندو، "ڏيڻ واري جو طاقتور ملڪ".

متفرق علامتي نشانيون:

پاڻ ۾ ڳنڊيل ٽي ٽڪنڊا: هتي ٽي ٽڪنڊا گڏيل صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. (اهي نشانيون د لاءِ آهن). هن علامتي نشانيءَ جو صوتي ملهه ترد يا تريدا آهي. هيءَ روان نشاني تريدا/ ترادا/ تريڏا لاءِ لفظي نشاني طور ڪتب ايندي آهي. جڏهن هيءَ نشاني ڇٽي جهڙي نشانيءَ هيٺان ڏسڻ ۾ ايندي، ته ان جو مطلب نالو يا لقب هوندو آهي. اهو زمان ۽ مڪان کي ٽن پاڳن ۾ ورهائڻ جو هند ـ يورپي نظريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن کي اسان هتي سنڌي لکت ۾ ڏسون ٿا، جنهن تي انحصار ڪرڻ واسطي ٽِڪو (ٽرڪو) يا ٽريڪا يا تريدا جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي، اها اڏ اکري علامتي نشاني گڏيل ٽي ٽڪندا آهي. رگويد ۾ ترد جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته "اڇو ته انهن کي آزاد ڪريون" ٻي معنيٰ اٽس ڦاڙڻ ۔ دور ڪرڻ ۔ ڦيٽاڙو وغيره. جيڪڏهن هن کي تريدا ڪري پڙهبو ته مطلب ٽيندو "ٽيٽو" يعني ٽن قسمن جا گڻ. تراڏا جي معنيٰ آهي "ٽن جو". (34) راما ۔ ترد ۔ آئو، سا : راما، تريڏا، اوسا ، جنهن جي معنيٰ آهي نهايت سهڻو ٽن پاسن کان چمڪندڙ يا تريڏا= جيڪو سهڻو ۽ چمڪندڙ آهي. هي اشارو اگني ڏانهن آهي، جنهن کي ٽي شڪليون آهن. (35) ساڪرا ۔ تريڏا = سگهارو تريڏا. (36) پا پاڳ ۔ تريڏا: بچاءِ ترائيدا سردار. (37) تريداها - ساسادا = ترائيد جو ڪماندر.

ٽڪندو، جنهن ۾ اڪثي سنوت واريون ليڪون آهن.

هن علامتي نشانيءَ کي ڏ جو صوتي ملهه ڏنو ويو آهي. چاڪاڻ ته هن ۾ ٻه اڏ اکري نشانيون شامل آهن. انهن مان هڪ جو صوتي ملهه د ۽ ٻيءَ جو هه آهي. امڪان آهي ته هيءَ نشاني، جِتي لکت جيان ڪنهن ننڍي وڏي شهر جو مفهوم ڏيڪاريندي هجي. (19) گهٽين لکتن ۾ ڏ جو صوتي ملهه مناسب معلوم ٿيو آهي، پر سيني ۾ نه. هتي ٻنهي قسمن جي علامتي نشانين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. (38) ڏا ۔ تريدس ۔ پا" ساسا ۔ دِوا داسا= بچاءِ، بچائڻ وارا ديوتا، ٻارهن جا حڪمران. لکت ۾ تري داسا جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي. هتي انهن ستارن ڏانهن اشارو آهي، جن کي ديوتا ٻه سمجهيو ويندو هو (رگويد). ڏا يا دَها معنيٰ: ڏيڻ، عطا ڪرڻ، بخشڻ، مدد ڪرڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائڻ آهي (رگويد) (39) ڏاڪا - پاپر= لائق بچائيندا ـ ڏاها پاپر. جيڪڏهن سوچي ڏسبو تہ اهڙين ليکن وارن ٽڪنڊن جو صوتي ملهہ ڏکو نہ ٿو لڳي. ٽي سگهي ٿو تہ اها تصوري تحرير هجي يا ڪنهن لفظ جي قطعي پچاڙي هجي. ههڙيءَ ريت اسان جتي لکت جي لفظ "وڏي" جي پچاڙي ڏسون ٿا. ٽي سگهي ٿو تہ ٻنهي لکتن ۾ هن جو مطلب، "وڏا ديوتا بچاءِ يا ٻارهن جا حڪمران يا ملڪ جا وڏا بچائيندڙ هجي".

هٿ جهڙي علامتي نشاني.

هن علامتيءَ نشانيءَ کي هست مان نڪتل هس پد وارو ملهہ ڏنو ويو آهي. (40)

پاهہ- هاس ـ پات= بچائيندڙ حاڪم. حتي ٻوليءَ ۾ پاهس جي معنيٰ بچائڻ آهي. (41) ها هاس ـ گاويا. معنيٰ: دل لياڻيندڙ ولهار. (هاس کي جڏهن زور ڏئي اچاربو تہ ها هاس ٿي پوندو.(رگويد ۾ گاويا جو مطلب ولهار PASTUSE LAND آهي.

ماکيءَ جي مک جهڙي علامتي نشاني.

هن علامتي نشانيءَ کي پدن جو ملهہ مک يا مکش ڏنو ويو آهي. (42) مک ـ هاس= مهاس معنيٰ شان شوڪت، طاقتور (مهاس= وڏائي ـ مهانتا ـ طاقت ـ رگويد). (43) مک ـ هپت ـ ها = ستن ڏاتارن يا ڪلمکن جي مهر. هڪ مکا هڪ ڏند ڪٽائي ماڻهو جو نالو آهي ۽ اندرا کي بہ انهي نالي سان سڏيو ويندو آهي. (44)ت (=تار) دِوا (ڏيو DYU ڏيائو DYAU) پيات (ساڪا) آ =قدرت طرفان بچائيندڙ حاڪم ساڪا. (هتي پهرين علامتي نشاني ديو يا ديوتا جي لفظ جي معين ڪندڙ صفتي پچاڙي آهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو لکت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر.

قديم دور ۾ سنڌي لکت لفظن ۽ پدن واري هئي، جنهن ۾ تصويري علامتي نشانيون، نيم تصويري علامتي نشانيون-PSEUDO PICTURES، گڏيل ياروان نشانيون ۽ ايين ليکن جهڙيون نشانيون موجود هيون. گيلب GELB جي ڪلاس بنديءَ مطابق هيءَ لکت ان ٽئين درجي جي لکت سان تعلق رکي ٿي، جنهن جي ايا تائين نه لکت سمجهه ۾ آئي هجي ۽ نه وري اهو پتو پيو هجي ته اها ٻولي ڪهڙي ٻولي هئي (خاڪو 42). جڏهن سامي لکت جي مدد سان پوئين دور جي هڙاپا واري لکت پڙهي وئي تڏهن هن لکت کي گيلب جي اصول مطابق (II) درجي جي لکت چئي سگهجي ٿو. يعني جنهن جي لکت ته پڙهي وئي هجي، پر اهو پتو نه پيو هجي ته ٻولي ڪهڙي هئي. (20) وري اڳتي هلي جڏهن هڙاپا مان لڌل علامتي نشانين کي، صوتي ملهه ڏئي ٻنهي جو ٻيٽوار مطالعو ڪري لکت کي پڙهيو ويو ته سنڌو جي لکت جي لفظن کان سواءِ، اسمن جي بنيادي پاڙن، ۽ گردانن کي رگويد جي مدد سان سمجهي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هي هندستان جو نهايت قديم ڪتاب آهي، جيڪو (1600 -1700) ق. م لکيو ويو ۽ اڄا تائين ساڳيءَ حالت ۾ موجود آهي. انهيءَ طريقي استعمال ڪرڻ کان پوءِ سنڌو جي لکت کي گيلب جي مقرر ڪيل درجي (1) تي آڻي سگهجي ٿو ۽ سنڌي لکت ۽ ٻوليءَ کي پڙهي پروڙي سگهجي ٿو جنهن جي حساب سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌو سيبتا جي قديم لکت، تصويري، نيم تصويري نشانين ۽ روان نشانين تي مشتمل آهي (خاڪو 55 -54) ڪن تصويري علامتن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پدن وارو ۽ ڪن کي نيم پدن وارو ملهه ڏنو ويو آهي. نيم تصويري نشانين کي لفظن جو پد ۽ گڏيل وينجن سُر ۽ اڌ اکري نشانين کي گڏي هڪ وينجن سُر سمجهيو ويو آهي. پر ڏنو ويندو ته ڪنهن به لکت ۾ اهڙي نشاني ڪانه آهي، جنهن جي رکن يا پد کي پورو لفظ چئي سگهجي ۽ ان کي لفظ جيترو صوتي ملهه ڏئي سگهجي ۽ لفظ طور اچاري سگهجي. مصر جي قديم خط ميخي جيان سنڌي لکت ۾ به ساکن وينجن سُر ت، پ وغيره آهن، جيڪي نيم پدن سڪ يا اسد ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهڙيءَ ريت ٿوري عرصي اندر اڌ اکري واري لکت سرجي آئي. پر ڪڏهن ڪڏهن لفظن جي پدن بدران تصويري نشانيون پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مثال طور س- اسوا- گ- ت- ها. هن مثال ۾ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هن وينجن ت- گ ۾ لڪل سُر آواز ناگري لکت ۾ اها صورت حال اڄ سوڌي قائم آهي.

پکين جون تصويري نشانيون، جيڪي لفظن جي پدن يا خود لفظن جي نمائندگي ڪن ٿيون، سي معنوي طور انهن پکين جي شڪل صورت سان سهمت نه آهن. اهڙيءَ ريت چڪر يا ڦيٿي جي تصوير به معنوي طور شهر، ديوتا يا حڪمران جي نمائنده ڪانه آهي، جنهنمان سمجهي سگهجي ته ان ۾ سامي اثر نمايان آهي. ان هوندي به پنج يا ڇهه علامتي نشانيون اهڙيون آهن، جيڪي جتي لکت جي ميخي خط سان لاڳاپو رکن ٿيون. مثال طور گهرين واري چوڪُنڊي ۽ ٽڪنڊي جهڙي نشاني آهي، جيڪا ڪنهن گهر يا رهڻ جي هنڌ يا بادشاهت جي نمائندگي ڪري ٿي. لفظ جي پدتي زور ڏيڻ جي ناتي سنڌي لکت کي پراڻي اکادي ۽ آشوري بوليءَ سان پيٽائي سگهجي ٿو، پر منجهن ٻٽي پد جهڙوڪ: پاڪ PAK يا ساڪ SAK جي نقطه نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان گھٹي ويڇاندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته اهي لفظ الڳ ۽ آڇا آهن ۽ معنوي اعتبار کان وڏي اهميت رکن ٿا. ان کان پوءِ اسانکي هڪ تبديلي نظر اچي ٿي ته لفظن جا پد يا اهو لفظ جنهن ۾ گهٽا وينجن سر آهن، تنهن جي پدن جون علامتي نشانيون سُسي ننڍڙيون ٿيڻ لڳيون. اهڙي ڦير گهير اسان کي سنڌ سيپتا جي اوج جي زماني ۾ يا پوئين هڙاپا دور ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي (ڏسو خاڪو 73). ان زماني لفظن جي پدن جون تصويرون سادين ۽ ننڍڙين علامتي نشانين جي شڪل ۾ لکجڻ لڳيون ۽ تصويرن ۾ لکڻ وارو طريقو ترڪ ڪيو ويو (ڏسو خاڪو A.B.66). اڳي هڪ آواز لاءِ به متبادل ننڍڙين علامتن جو استعمال عام هوندو هو. ان زماني اهو رواج به ختم ٿي ويو. ان ڪري نشانين جو انگ گهٽجي وڃي ٻاويهن تي بيٺو. هن ڪتاب جي ليکڪ جتن ڪري مرڪب علامتي نشانين جو تجزيو ۽ چندڇاڻ ڪري سنڌي لکت جي صوتي خوبين جي تعين ڪرڻ لاءِ هڪ لاياڻتو گس گهڙيو، جنهن علامتي نشانين مان اوسر ڪري الف ۔ بي جي صورت اختيار ڪئي هئي. جيلب GELB ڪهڙو نہ سٺو چيو آهي ته، "ڪمپيوٽر هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ، وندڻ ورڇڻ ۽ ڳڻڻ واسطي آهي، باقي تجزيو ۽ چند ڇاڻ ڪرڻ انساني ذهن لاءِ ڇڏيو وڃي".

سنڌي ٻوليءَ جي نمايان خوبي.

صوتيات.

سنڌي لکت پنهنجي شڪل صورت بدلائي پدن واري مرحلي مان نڪري الف ب جي شڪل اختيار ڪئي. منجهس چاليهہ ننڍڙيون علامتي نشانيون ۽ انهن جون هلڪيون سلڪيون بدليل شڪليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون، جيڪي چوويهن آوازن جي نمائندگي ڪرڻ لڳيون. ابتدائي دور ۾ پڙهن کي ظاهر ڪرڻ واسطي تصويري تحرير ڪتب آندي ويندي هئي، لفظي نشانين کي گهٽ استعمال ڪيو ويندو هو. چاڪاڻ ته انهن کي نندڙين علامتي نشانين وسيلي ظاهر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هوريان هوريان تصويري تحرير وارو رواج ترڪ ٿي ويو.

الف ـ بي جي هيٺينءَ ڪلاس بنديءَ کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

سر آواز ۽ بِسُرا سر آواز

سر آواز: آ = A، اَ = A۽ اي = I

بِسُرا سر آواز : آئي = AY آئو = AO، آئي =AE

نيم سر آواز: ر = R، و =V

آوازن جا قسم:

حلق وارا، نڑيءَ (gutteral) مان نڪرندڙ آواز ڪ ۽ گ جهڙا،

ڏندن (dental) وٽان نڪرندڙ آواز ت، ٽ، د، ن

چپن وسيلي نڪرندڙ آواز (labial) جهڙوڪ: ب ـ پ ـ م

وارا آواز (laryngenal Voiced): س ۽ ش

نڑيءَ مان نڪرندڙ پٽيٽا آواز (laryngenal Voiced): هـ

نڑيءَ مان نڪرندڙ اڻ پٽيٽا آواز = h، h

فارسي جي پراڻي لکت ۾ ڪيترن وينجن سرن جهڙوڪ: ڪ، گ، ت ۽ پ لاءِ به نشانيون ڏسڻ ۾ ايندیون. انهن مان هڪ ته نجي سر وينجن هوندي آهي ۽ بيءَ ۾ سر وينجن سان گڏ الف = A سر آواز به شامل هوندو آهي. پوئين مثال ۾ اها علامتي نشاني پڻ جي نشانيءَ جو ڪم ڏيندي آهي. سنڌي لکت ۾ اهڙيون خوبيون نهايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم دور ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، پر پوئين زماني ۾ منجهس اهڙيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن. مگر ملهہ وارين مرڪب علامتي نشانين ۾ ٻہ سر وينجن ۽ هڪ سر آواز هوندو آهي ۽ اهي جنهن نموني پاڻ ۾ مليل هوندا آهن، تنهن بناوت مان اُچار جو بنياد ٺهي پوندو آهي، جهڙوڪ: پ + پ + ا + ت = P+P+A+T جنهن جو اچار ٿيندو پپات. جيڪڏهن هن مان پپتا PPTA جو متبادل اچار ٻڌجي پوي تہ ان امڪان کي ٻہ رد ڪري ڪونہ ٿو سگجي. اهڙيءَ ريت U جي نشانيءَ کي ٻُڙي درجي وارو الف = A جو ملهہ آهي. جيڪڏهن هن کي زور ڏئي اچار ڪيبو تہ آواز آ = A، آ = A آئي = AE ۽ آو = AO ٿي ويندو. اها ٻہ اکر ٽيڙي ڳالهہ آهي تہ آئي AE ۽ AO ائو جون نشانيون ي = E يا و = O جي سر آوازن جي ٻہ نمائندگي ڪنديون هجن. اهو ٻہ ڏنو ويو آهي تہ اي = AY جي لاءِ جدا نشاني هوندي هئي. امڪان آهي تہ اها ي = I جي ٻہ نمائندگي ڪندي هئي. مثال طور جهڙيءَ ريت بارهي BARHAY آهي ان کي بارهي BARHI ٻہ لکي سگهجي ٿو. (خاڪو 51). پر اهڙي قسم جو استعمال ٿورڙو هوندو هو. لفظ جي پيڇاڻين وارا سر آواز، ٻِسُرا سر آواز يا نڙيءَ مان نڪرندڙ ٽيڙيا آواز LARYNGEAL VOICED لفظ جي پيڇاڙي طور ڪم ايندا هئا. انهن کي سولائيءَ سان سڃاڻي سگهبو آهي، ڇاڪاڻ تہ اڳيان واري سر وينجن ۾ موجود سر آواز اهڙو ڏس پتو ٻڌائيندو آهي. مثال طور باڪاءَ BAKA-A جو لفظ آهي جنهن ۾ آ = A پيڇاڙيءَ طور ڪم آيل آهي يا باڪاهہ BAKA - HA ۾ هَا HA پيڇاڙي آهي، اهڙيءَ ريت ر = R اکر ۾ آواز جي بدل سدل عام طور ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مثال طور جيئن گر GR جو اچار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪو گار GAR ۾ بدلجي وڃي ٿو. سيني وينجن آوازن جي اڪرن جا وسرگ (aspirates) نهڪندا هئا، جيڪي نڙيءَ مان نڪرندڙ گسٽي آواز "هـ" جي نشان ڳڻيڻ سان ڏيکاريندا هئا، جهڙيءَ ريت ک + هـ = کـ، پ + هـ = ڦ، گ + هـ = گهـ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. ڪڏهن وري ڦ ۽ پ، ۽ س ۽ شS ۽ S = S جي آوازن ۾ به مونجهارو پيدا ٿي پوندو آهي ۽ قادرا پادرا ۽ ساش کي شاس SAS کي به SAS ڪري پڙهيو ويندو هو. تارونءَ وارا آواز ۽ اُهي آواز جن سان زبان جي چوٽي تارونءَ سان لڳندي، سي سنڌيءَ جي ٻوليءَ ۾ موجود ڪونہ هئا. پر 1300 ق.م ڌاران اهڙن آوازن جون علامتي نشانيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جيڪي دائمہ آباد (21) ۽ ٻيٽ دوارڪا (22) مان هٿ آيون آهن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ به نڪاوان آواز، هڪ ڏندن وارو ن" ۽ ٻيو چپن وارو "م" جو آواز ڪتب ايندا هئا. ششڪاري وارن ٽن اچارن جهڙوڪ S = S = س ۽ S = ک لاءِ پنج علامتي نشانيون ڪتب آندیون ويندیون هيون. هڪ آواز لاءِ ٻي علامتي نشاني ڪتب آڻڻ ڪري گهٽو ڪري مونجهارو ٿي پوندو هو. مڃيءَ شڪل واري علامتي نشاني س ۽ ش = S۽ = S لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. اويستان AVESTAN ۾ ٻہ س = S = S ۽ ش = S لاءِ ڪتب آڻڻ جو رواج هو ۽ اهي ئي س ۽ ش رگويد ۾ به استعمال ٿيندیون هيون. سنڌي ۽ ايراني ٻولي جي ويجهڙائي بابت ٻئي هنڌ ڪاڦي بحث ڪيو ويو آهي. امڪان اهو به نظر اچي ٿو تہ جتي مڃين جهڙيون به علامتي نشانيون گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تہ انهن مان هڪ S س ۽ ٻي S جي اچار جي نمائندگي ڪندي هوندي، جهڙيءَ ريت SA - SA = S A S A SA. شاهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاسا معنيٰ حڪمران. س بدران هڪ جو استعمال. جهڙي ريت اسان هيٺ ۽ سپت، باڪاما ۽ باڪاسا ۾ ڏسون ٿا اهو ان ڳالهه جو اهجاڻ ڏئي ٿو ته سنڌي ۽ قديم ايراني ٻوليءَ جي پاڻ ۾ ويجهڙائي ضرور هئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نڙي مان نڪرندڙ ٽن آوازن واسطي پنج علامتي نشانيون ڪتب آڻڻ جو رواج هو. انهن مان هڪ آواز پٽيٽو يا ڳرو VOICED ۽ ٻه ان پٽيٽا يا هلڪا VOICELESS هئا. پر پوئين دور ۾ ائين نظر اچي ٿو ته پنجن مان رڳو ٻه استعمال ڪيون ويندیون هيون.

صرفيه جوڙجڪ

اسان کي سنڌي ۽ اويستان ٻولين ۾ سر آواز هروپرو ڏگهو ڪري اچارڻ جو رواج ڏسڻ ۾ اچي ٿو، يعني آ -A ڪي آ -A ڪري اچاريو ويندو هو. سنڌي لکت ۾ وري اها ڳالهه پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته لفظن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪرڻ لاءِ ٻه ننڍيون يا ٻه وڏيون اُپيون ليکون ڏنيون ويندیون هيون. ڪڏهن وري هڪ ننڍي هڪ وڏي ليڪ گڏي ڪتب آندي ويندي هئي (خاڪو 40-A.C) هن سان گڏ لکت جو اهو رواج ٻه هو نالي يا لقبن نالن يا لقبن کي ڏنگين ۽ ڪامائن اندر ان مقصد سان رکيو ويندو هو ته جيئن انهن جي سجاڻ ۾ سولائي ٿئي ۽ کين بامعنيٰ آواز ڏئي سگهجي. جيئن ته گهٽا سنڌي لفظ شڪل ۽ معنيٰ جي لحاظ کان (پت Pat را Ra سادا Sada وغيره وانگي) رگويد ۽ اويستان ۾ ٻه نظر اچن ٿا، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي نحوي ۽ صرفي بناوت کي سمجهڻ جو روشن امڪان آهي.

سنڌي ٻولي جي هڪ اکر جهڙوڪ: پَ Pa، رَ Ra کي ٻه پنهنجي پوري معنيٰ آهي، ڇاڪاڻ ته پَ Pa جو اکر "بچائڻ يا بچائڻ وارو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي معنيٰ ڏيکاري ٿو ۽ رَ Ra جي معنيٰ عطا ڪندڙ آهي، جڏهن "پ" جي پٺيان "ر" اچي هڪ مرڪب ٺاهي ته هڪ لفظ تيار ٿي پوي ٿو، جنهن جو مفهوم آهي بچاءُ عطا ڪندڙ. پر جڏهن اهي ٻئي اکر گڏجي هڪ لفظ پر Para جوڙيندا آهن، ته ان جو مطلب ٿيندو اعليٰ ۽ اوچي کان به وڌيڪ مٿاهون suprme beyond . سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ پد وارن لفظن جي گهڻائي آهي ۽ هڪ پد وارن ناالن جي گهڻائي مان اسان کي پتو پوي ٿو ته هيءَ ٻولي ويدن کان گهڻي پراڻي آهي. ساڳئي لفظ کي ڦهريائين لفظ جي حيثيت سان پوءِ پدن جي حيثيت سان ۽ بعد ۾ الف ۔ ب جي شڪل ۾ لکيو ويو. (خاڪو)(A.B.70) ڪيترن ئي جي جزن ۾ هڪجهڙا آواز ڏسڻ ۾ اچن ٿا، مثال طور بادر badra کي پدر bhadar شاها Saha کي ساها Saha ۽ شاڪا Sakka کي شڪ Saka چيو وڃي ٿو. پر سنڌي لکت ۾ گهڻ صوتيه پد ورلي ڪي آهن.

هن لکت ۾ اها به ڳالهه نظر اچي ٿي ته اڻ ڦٽيٽا unvoiced ۽ وينجن ٻٽا لکيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مثال طور جيئن پت Pat جي بدران پپت Ppat ڏسڻ ۾ ايندو. برهمي ۽ حِتي لکت ۾ وري وچ وارا وينجن سر ٻٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سنڌي ۾ ڪي خاص ڳالهيون ٻيون به آهن. مثال طور جيئن ساڪ Sakka ۾ پراترڪ Parattrka وغيره، جنهن ۾ پويان ۽ وچ وارا وينجن ٻٽا نظر ايندا. سنڌي ٻولي ۾ ڪن مقامي لفظن جون بدليل شڪليون به ڏسڻ ۾ ايندیون. مثال طور جيئن پهه Pah جو لفظ آهي، جيڪو موهن جي درڙي جي مهرن ۾ اٿونجاهه ٻيرا ڏسڻ ۾ آيو آهي. هڙاپا مان لڌل مهرن تي اهو ساڳيو لفظ ارڙهن-ٻيرا لکيل آهي، پر اهو لوٿل ۽ ڪالي بڳن جي سيپتائي ماڳن [illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ لڳو. ان جو سبب گھٽو ڪري اھو آھي تہ پھPah لفظ پَ Pa جي ابتدائي ۽ آڳاٽي شڪل آھي.

نالا :

ھن معاملي ۾ گھٽو ڪري اھا ڳالھہ ڏسڻ ۾ آئي آھي تہ اسم جا اصلي لفظ، لفظ جي معدي سان مطابقت رکن ٿا. لفظ اصلي معدو ڪرKr، پر Pr، گَ ga ڙ ra ڊ da پ pa اسم جا بنيادي لفظ آھن، مثال طور پ Pa معنيٰ بچائڻ / بچائيندڙ، ڏ معنيٰ ڏيڻ / ڏيندڙ عطا ڪندڙ وغيره، پر Pr جي بہ معنيٰ آھي، بچائڻ / بچائيندڙ. اسم جي اصلي لفظ ۾ ڪڏھن ھڪ ابتدائي ۽ ٻي ثانوي پڇاڙي ڳنڍي ويندي آھي، مثال طور: مد + a +ا + mad مد mada ارھہ arh + a آره arha، دَرَھَس dahrs=drahas اساو Asv.، اساود Asvada = asv+a+da، تر tr، tr+a+ta = تَرتَ = trata ۽ سھہ Sah+as = سھس Sahas، ڪڏھن وري تدھبت taddhit جي بدران ڪَ ka کي پڇاڙي طور ڪتب آندو ويو آھي. جيئن اساوڪ asvaka کي ننڍڙو ڪري لکيل ڏسجي ٿو. اھڙا مثال گھٽا لينداً.

گردان تعريف :(Inflexion)

علمي نقطئہ نگاھہ کان اھو امڪان آھي تہ پدن کي ڪڍي لفظ جي معدي کي ڌار ڪري سگھجي، پر لفظ جي معدي جڙڻ واري دور ۾ ھند -يورپي لفظن جي شڪل صورت لاءِ ائين سوچڻ گھٽو ڏکيو آھي. ڇاڪاڻ تہ اسان کي اھا ڄاڻ ڪانہ آھي تہ ان دور ۾ ٻوليءَ اندر فقط ھڪ -پدي لفظ ھئا يا رڳو گھٽ - پد لفظ ھئا يا ٻنھي جو گڏيل استعمال ٿيندو ھو. رگويد ۾ جيڪي شلوڪ آھن، تن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال تمام گھٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جيڪي ناتي سان هڪ اهم سوال اهو ته آهي ته هيءَ ٻولي امتزاجي ترڪيبي agglutinative آهي يا گرداني (تصريفي)infleional سياءَ واري آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙا ڪي جملا نظر ايندا، جن جي وچ ۾ ڪنهن رابطي جو اهڃاڻ ڪونه ٿو ملي. مثال طور مهه -ساڪ - تر (ترا) مها maha- saka-tr (tra) يعني وڏو سگهارو بچائيندڙ سردار (يا وڏو)، جنهن جي پوري معنيٰ هن ريت هجڻ ڪپي: نهايت وڏو سگهارو بچائيندڙ ۽ سردار. گڏو گڏ اها به هڪ حقيقت آهي ته لڪت جي سلسلن ۾ موجود گرداني پيڙين ۽ اسم سان لاڳاپيل اصلي نالا به ڏسڻ ۾ ايندا آهن، مثال طور پڪ - آئي - بَڪَ آ paka - ae - baka- a يعني بَڪَ کان موڪليل سنيالينڊر ڏانهن ot abak from guardin، بڪ - آئي - پ - آ - baka-ae- pa-a يعني بَڪَ ڏانهن جيڪو بچائيندڙ طرفان موڪيل آهي. سَڌاد - هَ sada-ha يعني ممتاز بزرگ جي (مُهر). سنڌي لڪت جون پيڙيون اوسِتا ۽ رگويد سان پيٽائي سگهجن ٿيون، ان سان گڏ ئي حالتون جهڙوڪ: وسيلي واري (instrumental)، حالت، مفعولي (dative) حالت ۽ حالت اضافي (genitive) حالت جيڪي ٻوليءَ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون، سي سنڌيءَ ٻوليءَ اندر ترقي يافته شڪل ۾ موجود آهن. اهڙيءَ ريت سنڌي ۽ حتي ٻوليءَ جي پيڙين کي به هڪ محدود حد تائين پيٽ ڪري پرکڻ جو امڪان موجود آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ حالت اضافت کي ظاهر ڪرڻ واسطي اهه ah / هه ha اهئه aha جون پيڙيون ڳنڊيون ويندیون هيون. ان جاءِ تي حتي ٻوليءَ ۾ اس as يا اُس us جون پيڙيون ڪتب آڻڻ جو رواج هوندو هو. حتي ٻوليءَ ۾ عدد واحد آ a جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت اضافيءَ جي صورت ۾ پڇاڙي آ يا اي e هوندي هئي، سنڌي ٻولي ۾ اهڙيون پڇاڙيون آئي ae سان ڏسجن ٿيون. حتي ٻولي ۾ وسيلي واري حالت ته t جي پڇاڙيءَ سان ڏسبي. ان جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ وسيلي واري حالت واري پڇاڙي - a الف سان نظر اچي ٿي.

ان زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ اندر عدد جمع ۽ جنس مونث لاءِ فعلي يا اضافتي حالت جو تصور اپري آيو هيو يا نه موجوده ڄاڻ جي آڏار تي ان بابت ڪجهه چوڻ مشڪل آهي .

فعلي شڪلين جي ٿورائي.

مهرن جي لکت ۾ مختلف فعلي شڪلين جي ٿورائي جو هڪ سبب اهو به آهي ته انهن ۾ ماڻهن جي نالن ۽ لقبن جي گهڻائي موجود آهي ۽ منجهن فعلي شڪلين لاءِ ڪا گنجائش ئي ڪانه ڇڏي وئي هئي. تنهن ڪري اهو خيال ڪرڻ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ فعلي شڪلين جي اڻاڻ هئي سو غلط آهي. مهرن کان سواءِ هن لکت سان لاڳاپيل ڪي ٻيون شيون به لڀي پون ها ته ان ڳالهه جو امڪان هو ته هن هنڌ ۽ يوربي ٻولي جي هن پاسي کي به چٽو ڪري سگهجي ها ۽ چگيءَ ريت پتو پئجي وڃي ها ته اها هن ڏس ۾ ڪيتري نه شاهوڪار آهي. اسان کي مهرن تي جيڪي فعل مليا آهن سي جيتوڻيڪ ٿورا آهن پر انهن مان انهيءَ ڳالهه جو ثبوت ملي ٿو ته سنڌو جي ٻولي فعلي صورتن ۾ شاهوڪار هئي. مثال طور آپ = AP حاصل ڪرڻ، ماضي، آپت، رڌ RDH معنيٰ سرسبز ۽ آباد ٿيڻ ماضي، رڌ RDHA ترد TRD معنيٰ چيرڻ ڦاڙڻ امر، تردس TRADAS سئاس SAS

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ حڪم يا امر ڪرڻ.

فعل کي ورجائڻ REDUPLICATION ۾ سنڌيءَ ۾ گهڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور جيئن پات PAT معنيٰ حڪومت ڪرڻ. پاپٽ PAPAT يا پپٽ PAPAT فعل جو ورجاءَ آهي. پر PR معنيٰ بچائڻ فعلي ورجاءَ ٿيندو پاپري يا پپر PAPR / PAPRI يا در DR معنيٰ چيرڻ ڦاڙڻ ورجاءَ ٿيندو ددر DADR.

ڪنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي فعلي بنيادن مان سندس تاريخ جا اهجاڻ ملن ٿا ۽ ان سان گڏ ان ٻولي ڳالهائيندڙن جي خيالن جا لڳاتار ڳس پتا ملي ٿا وڃن. ياسڪا YASKA جي تصنيف نيروڪتا NIRUK-TA ۾ انهن فعل جي بنيادن جي اهميت تي بحث ڪيو ويو آهي، جيڪي هر قسم جي اسمن ٻڌجڻ جو وسيلو ٿيندا آهن. پاڻيني، سروروا مان SARVARVAMAN چندراگومين CHANDRAGO-MEN سڪتا يانا SAKTAYANA ۽ ٻين جي گرامرن ۾ لفظن جي ماده root معدو پيٽ جو اهو حصو جيڪو ڪاڏو هضم ڪندو آهي هيءُ لفظ معدو اڳي ۾ هڪ هنڌ استعمال ٿيل ماده ۾ بدلائڻ گهرجي ۽ اشتقاقن تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. انهن مان دلچسپ ڳالهه اها معلوم ٿيندي ته سنڌي زبان ۾ فعلي شڪليون تمام ٿوريون هيون. پر هڻي پاسي کان اسمي مرڪبن ۾ تمام گهڻي شاهوڪار هئي. ويدن واري زماني ۾ اسان کي وري هيءَ ڄاڻ ملي ٿي ته فعلي شڪلين ۾ هيءَ ٻولي شاهوڪار آهي، پر اسمي مرڪبن ۾ ڪجهه پوٽي پيل ٿي پائنجي. سنسڪرت جي اوج واري دور ۾ وري هن کي فعلي شڪلين ۾ پوئتي ۽ اسمي مرڪبن ۾ گهڻو اڳتي ڏسون ٿا. جيستائين لفظن جي ذخيري جو تعلق آهي ته ويدن واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور ۾ سندس لغت وڌڻ شروع ڪيو ۽ سنسڪرت واري زماني ۾ اچا ٻه وڏيڪ وڏي ويجهي.

هيٺ اسان ڪن لفظن جا معدا ڏئي رهيا آهيون، جن مان معلوم ٿيندو ته هند - آريائي ٻوليءَ ۾ گهٽا لفظ سنڌي ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا. اهو ٻه امڪان آهي ته هن ٻولي هند - يورپي بنياد جي ٻين ٻولين جهڙوڪ: هند - ايراني‌ءَ مان ٻه ڪيترائي لفظ ورتا هوندا ۽ انهن ٻولين مان ٻه ڪنيا هوندا، جيڪي هند يورپي ٻولين جي مچلي ڪان ٻاهر آهن.

جيڪڏهن سنڌي ۽ قديم هند - آريائي ٻولين ۾ موجود لفظن جو معنوي نقطه ڪان سچيتائي سان مطالعو ڪبو، ته ٻنهي زبانن ۾ موجود لفظن ۾ ڦيرن گهيرن جو چگي‌ءَ ريت پتو پئجي ويندو. اها هڪ فطري ڳالهه آهي ڇاڪاڻ ته پوئين هڙاپا دور ۾ هتان جي ماڻهن جي ڪاڌي خوراڪ، ڏرمي ريتن رسمن، ويندي لوڙهه لٽڻ تائين وڏو فرق اچي چڪو هو. ان دور ۾ نون لفظن جي ضرورت پئي هوندي. ان صورت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ٻين ٻولين مان ٻه ڪي لفظ ورتا ويا هوندا، جن جو تعلق تارون‌ءَ مان آواز ڪڍڻ وارن لفظن سان هوندو ۽ ڪن نڪ مان نڪرندڙ آوازن سان تعلق رکندڙ لفظن جي ضرورت ڪي محسوس ڪيو ويو هوندو. اهو پويون هڙاپا وارو زمانو هوندو جيڪو گذرندو اچي رگويد واري دور سان ملیو هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن جا فعلي بنياد.

مُجلو الف

سنڌي بوليءَ جي انهن لفظن جا بنياد جيڪي اسان کي هند ـ يورپي بولين ۾ نظر آيا. ايس . ايم. ڪئٽر S.M.KATRE جي ڪلاسبندي (21) کان پوءِ انهن کي مچلن ۾ ورهايو ويو آهي.

RAD	رد	AT	ات
DAS	داس	AM	ام
DRMH	درمھ	R	ر
DRH	درھ	KR	ڪر
DRA	درا	DAS	دس
PR	پر	DA	ڏ
BRH	برھ	DAS	داس
BHAND	ڀنڊ	GA	گَ
RUDH	رڌ	GR	گر
SRA	سرا	TRD	ترد
(SPR) Spr	سپر	DAKS	دَڪس
SAGH	سگھ	MA	مَ
(HR) HRU	هرو	MAMH	ممھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڃلو (ب) اهي فعلي بنياد جيڪي سنڌي، قديم هند- آريائي ۽ هند- يورپي ٻولين ۾ هڪجهڙا آهن.

(GAH) GAH	گاه	AD	اد
GR	گر	ARH	ارهه
TAP	تپ	AV	اَوَ
TRP	ترپ	AS	اس
DA	د	AP	آپ
DHA	دهَ	R	ر
PAT	پت	RDH	رڌ
PAD	پد	KR	ڪر
(PR) PRI	پري	KRAM	ڪرم
BHD	ٻڌ	MA	ما
BHR	ٻر	MR	مر
MAD	مد	RAKS	رڪس
SAS	ساس	RUD	رد
SAT	سات	(RAD)	رد
SAS	ساس	VAP	وَپَ
(SAD)SAD	سد	VA	وا
SAH	سَهه	SAMS	سمس
(SIV) SIV.	سو	SAK	ساڪ
SR	سَر	SAM	سام
HAS	هس		
HD	هد		
HR	هر		

سنڌي ٻوليءَ ۾ هند - يورپي ٻوليءَ جي فعلي بنيادن وارن لفظن جي گهڻائي ملندي، ويدن واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ صرفي نقطہ نگاہ کان ڪجھہ مٿجي ستجي ويا هوندا. جيئن تہ سنڌ سيبيتا جي ڪيترن علاقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ اُچارن ۾ صرفي نقطہ نگاہ کان تبديلي آئي، تنهن ڪري ساڳين لفظن جي بنيادن تي ٻيا هڪجهڙا لفظ جُڙي ڪتب اچڻ لڳا. مثال طور:

MAH	مھ	MHAH	مھہ
PA	پَ	PAH	پھ
PA	پَ	PPA	پپ
SAKA	سڪ	SAKKA	سڪڪ
BAKA/BAGA	بڪ/بگ	BAKKA	بڪڪ
HAR	هار	HAR	هار
PHADRA	ڏر	PHADRA	ڏدر

سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ رگ ويد ۾ ملن ٿا، تن لاءِ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اهي هند - يورپي ٻوليءَ ۾ مستقل طورڪتب ايندا هئا.

سنڌي لکت تمام گهٽ لڌي آهي. ان سان گڏ فعلي شڪلين جو انگ بہ ٿورائيءَ ۾ معلوم ٿي سگهيو آهي، تنهن ڪري اها پڪ ڪانہ ٿي پوي تہ هن ٻوليءَ ۾ فاعل، مفعول، فعل وارا اصول قائم آهن يا فاعل، فعل، مفعول وارو طريقو ورتايو ويندو هو. جيئن تہ انهن لفظي معدن جو اسم ۽ صفت طور گهڻو استعمال ڪيو ويندو هو، جيڪي ڪنهن گردان کان متاثر ڪونہ ٿيندا هئا، تنهن ڪري ان دور جي لکڻهارن کي اهو وڃهہ ملي ويو هو تہ هو ڪهڙو بہ لفظ ڪٿي بہ لکي سگهيا ٿي ۽ مهرن تي مليل وٿيءَ ۾ جو ڪجهہ دل ۾ آين ٻئي سو لکي ٿي ڇڏيائون. لکت جي سلسلن ۾ سندن لکيل هي لفظ ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگھندا: مها ۔ سد SADA - MAHA نهايت وڏو، نالیرو، ساس مها MAHA - SASA حڪمران وڏو، مها، سڪ، تر، مها MAHA - SAKA - TRA نهايت وڏو، سگھارو ۽ بچائيندڙ وڏو. ڪن لڪتن ۾ هڪ ئي سلسلي اندر موجود هڪجھڙين صفتن ۾ اسان کي ڪو رابطو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. مثال طور: پڪ ۔ تر ۔ ساپ ۔ پار PAK - TR - SAPA - PAR ڦٽڪار (کان) بچائڻ وارو، رکيا ڪرڻ وارو، سنياليندڙ. هيءَ ڳالھ اسان کي رگ وید ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنھن جي ياسسم ۔ وتروت ۔ تمم AM-T -RAVATT YASASAM-VA AM ۾ ڪو ڳانڍاپو ڪونہ ٿو ڏسجي. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي بيھڪ قديم ۔ ھند ۔ يورپي ٻوليءَ جھڙي آھي، جتي اسمي وجود کي ظاھر ڪرڻ واري لفظ جي پٺيان اسان صفت وارو لفظ ڏسون ٿا، جنھن جو مثال، بدر، پدر - BHADRA، مها - MAHA ۽ ساس ۔ مها SASA - MAHA جا لفظ آھن. سنڌي ٻولي جي ابتي لڪت سنسڪرت سان ميل کائي ٿي. مها ۔ سد جي لفظن کي پيٺائي ڏسڻ مان بہ پتو پئجي سگھي ٿو تہ ھتي صفت وارا لفظ پھريائين ڏسڻ ۾ ايندا. پورو پاد PURVAPAD مطابق پچاڙيون وري اتر پاد UTTAR PAD موجب نظر ايندیون، جھڙيءَ ريت ست ھپا SATAHAPA يگ پپت PPAT BHAGA، ادريپ ADRIPA ۽ ترپت ارڪ ARKA -TRPTA ۾ نظر ايندو. جيڪڏھن ڳٽپ ڪبي تہ لفظن جون اڳياڙيون پچاڙين کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ ايندیون. تنھن ڪري اھو سمجھڻ غلط آھي تہ سنڌي ٻولي ھند ۔ يورپي ٻوليءَ سان واسطو ڪانہ ٿي رکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو ماٿريءَ جي ٻولي سوتر SUTRAS جيان مختصر نويسي جو هڪ مثال آهي. مهرن تي اسان کي پورو جملو لکيل ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو، جنهن ۾ اسمي ۽ صفتي جزا ڪنهن خاص اصول تحت لکيل نظر اچن ٿا. لکڻهار انهن ٻنهي مان هڪ تي وڌيڪ زور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لکتن جو گهڻو انگ اهڙو آهي، جنهن ۾ موجود لفظن ۾ ڪو ڳانڍاپو نظر نہ ٿو اچي. ان جو وڏو ڪارڻ اهو آهي تہ مهرن تي وڻي سوڙهي هئي ۽ لکڻهارن نهايت تت ۾ لکڻ جا جتن ڪيا آهن.

هڙاپا دور واري ويدن جي ٻولي بہ مهرن جي لکت ۾ محفوظ نظر اچي ٿي ۽ اها نيرڪتا ۾ محفوظ ياسڪا YASKA جي دور واري ٻوليءَ جيان آهي. جهڙيءَ ريت اسان ياسڪ ياڻسا کان اپنشد ڏانهن وڌنداسين تہ اسان کي ويدن جي ٻوليءَ جي ابتدائي شڪل ائين ملندي جهڙيءَ ريت اسان کي سنڌي، ويدن جي ۽ اويستان ٻوليءَ جي پيٽوار پرڪ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي شڪل جو پتو پوندو آهي. مختصر نموني هن کي هيئن چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي مهرن تي موجود لکت، صوتياتي، نحوي ۽ صرفي نقطہ نگاہ کان نهايت آڳاٽي تحرير آهي. مختلف ڌرين کي پيٽوار پرکڻ لاءِ اهي ڳالهيون ڏاڍيون لاڀائتيون آهن.

سنڌي ۽ قديم ايراني ٻولي

مسرا MISRA جي بيان مطابق هند ـ ايراني ٻولي (II) هن زبان جي ان مرحلي جي جاڻ ڏئي ٿي، جڏهن هند ـ آريائي ۽ هند ـ ايراني ٻولين کي پنهنجو ڌار ۽ آجو لهجو ڪونہ هو (22). هو صاحب هن ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو تہ قديم ايراني ٻولي واري دور کي هند ـ ايراني IIR ۽ اويستان AV جي وچ تي سمجهڻ گهرجي. هتي اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هند ايراني Indo Iranian (Itr)	سنڌو Indus (Indus)	سنسڪرت Sanskrit (S)
آسا asa	آها / آسا aha/asa	آسا asa
ترپيت trypyat	trppat	trpyat
درزهر ساس dhrzhras I E dhrghros	درگهه drgha	درهه drh
پاراس paras	پپاره (ppara) پاره (parah)	پاره parah
رما rma	arma/ rma رما آرما	ارما irma
داسا dasa	dasa/ dasa دسا، دشا	دشا dasa

هن ڳالهه کي چٽو ڪري بيهارڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته سنڌ مان لڏل مهرن جي ٻولي ان دور جو اهڃاڻ ڏئي ٿي، جڏهن قديم هند - آريائي ٻولي (ويدن واري) هِند - ايراني ٻوليءَ کان نکڙي ڌار ٿي رهي هئي. پر قديم ايراني ٻولي سان سنڌس ناتو صفا ٽُٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم هند ايراني (هند يورپائي) Old Indo Aryan (OIA) Indo - Europen (I E)	قديم ايراني اوستان Old Iranian (Olr) g ·Av	
	آها aha	
	ترفيت trfyat	
	درزرو dr zro	
Grk pearos IE Prros	Av. Paro>پرو op >para پرا OI Parah پاره	
IE rmo	Y.A. V arema aho arma اريما ارما	
IE dekm ديكم	دشا dasa	

ڪونہ ويو هو. هن قديم ايراني ٻوليءَ جو واسطو اوپر ايران جي اويستان ۽ اولهہ ايران جي قديمَ پرشيا سان هو. مذڪوره لکت قديم ڪياني گهراڻي جي شهنشاهن واري دور سان لاڳاپيل آهي. اسان مسرا جي بيان سان سهِمت آهيون تہ هند ـ يوربي ٻوليءَ جو س

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

S هند ۔ ايراني‌۽ جو س S بڌجي ويو. بعد ۾ سنسڪرت ساڳيو س ورتايو. پر قديم ايراني ٻوليءَ ۾ اهو ساڳيو س وري هـ H جي اچار ۾ بدلجي ويو، نتيجي طور اويستان ۽ قديم پرشيا ۾ س بدران هـ H جو اکر ڪتب آندو ويو. ڏيان ڏيڻ جوڳي ڳالهـ هيءَ بـ آهي تـ سنڌي ٻوليءَ ۾ بـ هـ جي اچار جي استعمال کي بحال رکيو ويو آهي، اهڙو مثال اسان کي هپت ۽ سپت جي لفظن مان ملي سگهي ٿو. ان کان سواءِ سنڌي ۾ ٽي مختلف قسم جون هـ آهن، جن کي ٽن مختلف قسمن جي علامتي نشانين وسيلي ظاهر ڪيو ويندو آهي. هن مان اسان کي پتو پوي ٿو تـ سنڌي ٻوليءَ جو قديم ايراني‌۽ سان بـ لاڳاپو هو. پر لغوي ۽ معنوي نقطـ نظر کان سنڌي‌۽ ٻوليءَ جو قديم لاڳاپو هند ۔ آريائي ٻوليءَ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌي لکت جي لفظ جي ڊگهي پيڇاڙي الف A جو آواز هوندو آهي. ساڳيءَ ريت اويستان جي لفظ جي ڊگهي پيڇاڙيءَ ۾ الف A ڪتب آندو ويندو آهي.

قديم ايران آها AHA هند ۔ ايراني آسا ASA سنڌي ۔ آها / آسا ASA / AHA سنسڪرت- آسا ASA.

اويستان- ترفيات TR

FYAT، هند ايراني- تربيات TRPYAT سنڌي، تربيات TRPPAT ڪان سنسڪرت TRPYAT.

اويستان در زرو ZRO DR ۔ هند ۔ ايراني دهرزهرس DHRZHRSAS هند ۔ يورپي درگهـ روس DHRGHROS سنڌي درگها DRGHA سنسڪرت درهـ DRH.

اويستان، پرو PARO قديم فارسي پر PARA قديم ايراني پرهـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

PARAH سنڌي، پيپر / پره PARH/PPARA هند ۔ ايراني پرس PARAS سنسڪرت پرهہ PARAH يوناني پروس PAROS هند يورپي پروس PRROS. هند ۔ يورپي، رمو RMO هند ۔ ايراني رما RMA سنڌي ارم/ رمہ RMA/ARMA اويستان ارينا ĀREMA ارم پڻ ARMA) سنسڪرت آرم ARMA هند ۔ يورپي، رتو RTO رتا RTA قديم ايراني اَرت ARTA سنڌي رت / رَت RTA/RTA اويستان، اسASA (سنڌي پڻ اس ASA) سنسڪرت، رت RTA. هند يورپي ديڪم DEKM ۔ هند ۔ ايراني دس DASA قديم ايراني، دس DASA ۔ سنڌي دس / دس DASA/ DASA اويستان دس DASA سنسڪرت دس DASA.

سر آواز(Vovels)

هند ۔ ايراني ۾ رهہ RH، سنڌيءَ ۾ ر R ڪڏهن ڪڏهن ارAR ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اويستان ۾ گهڻو ڪري ر R لاءِ ار AR ڪم ايندي هئي. ساڳيءَ ريت هند ۔ ايرانيءَ ۾ ر R ڪتب آڻڻ جو رواج هو. سنڌيءَ ۾ ڊگهي آواز لاءِ الف A ڪتب ايندو هو. اويستان ۾ ۽ بنا ڪنهن جواز جي ساڳيو طريقو استعمال ڪيو وڃي ٿو. سنڌيءَ ياڳ + آ - A + BHAG ڪي BHAGA جي اچار ۾ لڪي سگهبو آهيَ. مثال طور هڪ لفظ بڪا BAK-A آهي ۽ بڪ BAKA لفظ جي پٺيان الف جو ڊگهو آواز A ڏنل آهي، جنهن جومطلب آهي بڪ ڪان يعني ڊگهو الف A "ڪان" جي معنيٰ ڏيڪاري ٿو. جهڙيءَ ريت اويستان جو تاريخي طور ابتو پير ڪٽبو تہ اڃي سر آوازن جي هند ۔ ايراني ۽ هند ۔ يورپي وسيلن وٽ بيهبو. ساڳيءَ ريت سنڌي سر آوازن جي پٺتي تاريخ وڃي هند ۔ ايراني ۽ هند ۔ يورپي جي سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آوازن سان ملي ٿي. ان وسيلي اسان کي ٻورن سر آوازن جهڙوڪ :

2 الف A، آ A ۽ ٻسرن سر آوازن جهڙوڪ آئي AE، آئي AY ۽ آو AO جو ڪجهه دڳو پوي ٿو. مثال طور سنڌي ٻوليءَ جو سر آواز ار AR ر R رر RR قديم ايراني جيَ ار AR هند ـ ايراني ڙ R ڙڙ RR آهي.

سنڌي آ A، اويستان، آ A د قديم ايراني ۽ هند ايراني آ A هند ـ يورپي آ A ـ اي E، آو O، مهه IN، نَ N پاڻ ۾ پيٽائي سگهجن ٿا. اويستان ڪ K، سنڌي ڪ K، قديم ايراني ڪهه KAH آهي، هند ـ ايراني ڪس، سنسڪرت ۾ ڪهَ KAH آهي، هن کي به پاڻ ۾ پيٽائي سگهجي ٿو. ساڳيءَ ريت، اويستان پسو PASU، هند ـ ايراني، پسو PASU، سنڌيءَ ۾ پسو PAS سنسڪرت ۾ به پن پسو PASU آهي. هند ـ ايراني ۾ جيڪا ر R ۽ رر RR آهي سا قديم ايرانيءَ ۾ بدلجي ار AR ٿي وڃي ٿي. قديم سنڌيءَ ۾ رر RR سو پوئين دور جي سنڌيءَ ۾ بدلجي ار AR ٿي ويو، ان جو مثال رڙهه RRHA آهي، جيڪو پوءِ ارهه ARHA ۾ مٽجي ويو. (خاڪو 44). هند ـ ايراني ٻوليءَ ۾ ٻِسُرا سر آواز جهڙوڪ آئي AI، ايوُ AU، آئي AI ۽ آيُو AU آهن، سي قديم ايراني ٻوليءَ ۾ به بحال رهيا آهن، جيڪي فقط قديم فارسي ۾ محفوظ آهن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌي ٻولي به قديم ايراني جيان آئي AY، AE آئِي، آو AO پاڻ وٽ بحال رکيا آهن. پر قديم هند ـ آريائي ٻوليءَ ۾ اهي اي E، و O آئي AI ۽ آيُو AU سر آوازن ۾ مٽجي ويا ٿا پائنجن. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته هند ـ ايراني ٻولي جا اڻ پٽيٽا وسرگ اچار / VOICELESS ASPIRANTS قديم ايراني ٻوليءَ ۾ ٻه اڻ پٽيٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسرگ اچار رهيا آهن ۾ اويستان جو آ AA جو اچار هند ۾ ايراني ٻوليءَ ۾ مٿجي آ ATHA ٻڌجي ويو آهي. وڌيڪ لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود وسرگ اڻ پڙهڻ آوازن جهڙوڪ: ات ATHA معني ٻاهه کي ڏيڻي ۽ پرکي ڏسندا. هند ايرانيءَ ۾ ڦٽيٽا وسرگ اچار قديم ايرانيءَ ۾ اوسرگ DEASPIRATED اچار ٻڌجي ويا. مثال طور اويستان ۾ بَراتا BARATA قديم فارسي ۾ بَراتا BARATA سر مٿجي هند ۾ ايراني ڀراتا BHARATA ٿي ويو، سنسڪرت ڀارات BHARATA آهي. سنڌي ۾ ڦٽيٽا وسرگ ۽ اوسرگ اچار موجود آهن جهڙوڪ: بدر BHADRA/ بادر BAADRA// بدر BÀDRA. پر سنڌي ٻولي ۾ هڪ هيءَ ڳالهه ضروري آهي ته هن قديم ايراني O, X بدران هند ۾ ايراني اکر ڪ K ت T پ P پاڻ وٽ بحال رکيا آهن. سنڌي لفظ پر PARA، هند ايراني پر PARA اويستان فر FRA، سنسڪرت پر PRA کي پيتائي ڏسندا. سنڌي سَکر SAKAR هند ۾ ايراني سوکر SUKRA، اويستان جي سخرا SUXRA ۽ سنسڪرت جي سوکر SUKRA کي پاڻ ۾ پيتائي ڏسندا. هند ۾ ايراني ۾ ر (هند ۾ يورپي ۾ ر R ۽ ي I) قديم ايراني ۽ سنڌيءَ ۾ ٻه ر R رهي آهي. پر ڦٽيٽا اچار جهڙوڪ ز Z، زهه ZH، قديم ايرانيءَ ۾ قائم رهي ڪونه سگهيا. سنڌي لکت ۾ علامتي نشاني IXI ز Z جي اچار واسطي آهي. پر اهو هن لکت ۾ تڪراري مسئلو آهي. قوي امڪان اهو نظر اچي ٿو ته سنڌي لکت ۾ مڃيءَ واري علامتي نشاني اويستان جي X، قديم هند ۾ آريائي س S ۾ گهڻو ڪري س S جي اچار لاءِ ڪتب ايندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتن جون پيڙيون CASE - ENDINGS

جتي اويستان ۾ قديم هند ۽ آريائي ٻولين هند ۽ يورپي ٻوليءَ وٽان جنس (مذڪر ۽ مونث وغيره) جو سرشتو مليو تہ اتي عدد واحد، اثنا ۾ جمع پڻ ڪيس ورڻي ۾ مليو. پر اسان ڪي سنڌيءَ ۾ نہ جنس جي موجودگيءَ جو پتو آهي ۽ نہ وري عدد جو ڏس ملي ٿو. قديم هند ۽ آريائي ٻولي ۽ اويستان ۾ هند ۽ يورپي ٻوليءَ واريون اٺَ حالتون موجود آهن. ان جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي اهم حالتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جهڙوڪ: حالت اضافت GENITIVE CASE، اسم جي مفعلي غير تعريفي حالت DATIVE CASE ۽ وسيلي واري حالت INSTRUMENTAL CASE. پر هتي فاعلي حالت NO-CASE MINATIVE ڪي اهميت ڪانہ آهي.

هند ۽ يورپي ٻوليءَ ۾ فعلي اضافي حالت جي پيڙيءَ ۾ الف ۽ A هوندو هو، جيڪو هند ۽ يورپي اصلي سر آواز و O سان سسي ننڍڙو ٽي ويندو هو، جنهنجو آخري اچار وچي آو O ٻيهندو هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ آ A جو اچار، هند ۽ ايراني ٻوليءَ ۾ ٻہ آ A جو اچار رهيو آهي ۽ اهو سر آواز آ A آخر ۾ سيني اصلي ۽ بنيادي لفظن سان ملي وچي ٿو. ساڳيءَ ريت سنڌي ٻولي ۾ ٻہ فعلي اضافي حالت ۾ CASE INSTRUMENTAL پيڙي واري حالت ENDING CASE آ A سر آواز سان آهي ۽ اهو اصول سيني بنيادي ۽ اصلي لفظن سان لاڳو آهي. مثال طور هند ۽ يورپي ٻولي ۾ ايڪوو EKWO آئي AI جي آهي. هند يورپي جو ايڪ ووئي -EK WOI هند ۽ ايرانيءَ جي اسوائي ASVAI جي برابر ٿيندو جيڪو سنڌي جي اچار اسواءِ ASVAE ۽ اوستا جي اسپاءِ ASPAI ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنسڪرت جي اسوايا ASVAYA برابر آهي. اهڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ اسوڪئه ASVAKAE (HAE) درڪئه DRAKAE، پڪئه -PA KAE وغيره جهڙا لفظ آهن، جن جي پڇاڙي اُءِ سان ڏسڻ ۾ ايندي. هند ـ يوربي ٻوليءَ ۾ عدد واحد جي اسمي صرفي حالت وسرگ آواز کي ڇڏي باقي سندس پڇاڙي ايس ES اس AS يا فقط س S سان پوري ٿئي ٿي. سنڌي لکت ۾ هند ـ ايراني اد AD ءِ-اويستان جي ات AT واري اسمي صرفي حالت، CASE ABLATIVE ENDING گهٽي ڪانه ٿي ڏسجي، جنهنجو مثال هي آهي ورس VERS + AT ات يا ورس آ VERSA + ت T= هه ورست. سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص ڳالهه مضاف اليه يا حالت اضافت GENITIVE CASE آهي، جنهن جي پڇاڙي H / ها HA اهه AH سان ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري اها AHA سان به ٿيندي آهي، جهڙوڪ: بڪ ـ آها BAKA - AHA، بَڪَ ـ ها BAKA - HA، بڪ ـ هه وغيره. ان ڳالهه جو به امڪان آهي ته هند ـ يوربي ٻوليءَ ۾ هن پڇاڙين کي اسم جي صرفي حالت ABLATIVE ۾ به ڪتب آندو ويو آهي. ساڳيءَ ريت آئي AE واري پڇاڙي عدد واحد جي ظرفي حالت ۾ -LOCA CASE TIVE ۾ به استعمال ڪئي ويندي هئي.

اسمي مرڪب

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نمايان خوبي اها آهي ته قديم هند ـ آريائي ٻولي کان وڌيڪ اسمي مرڪب جوڙي سگهندي هئي. قديم هند ـ يوربي ٻوليءَ جو گرداني طريقه ڪار ڏانهن پهريون قدم، اسمي مرڪب جوڙڻ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾نهايت دلچسپيءَ واري ڳالهه اها به آهي ته اسمي مرڪبن جوڙڻ وقت لفظن جا به يا وڌيڪ پد ڏسڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ايندا. هن ٻوليءَ ۾ لفظ جو پويون رکن هوندو آهي، جيڪو گردان جي ڦيري مان گذرندو آهي. پر قديم هند - آريائي ٻوليءَ اندر اسمي مرڪبن ۾ فقط ٻه پد هوندا آهن، جن مان هڪ تي گردان جي ڦيري جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو هو. قديم هند آريائي، حتي، جرمن، بالٽو - سلاو، يونانِي ۽ ٻين هند - يورپي ٻولين اندر مرڪبن جي سيني قسمن کي اسم خاص طور ڪتب آندو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻہ ساڳيو طريقو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور جئين اسوا مک MAKHA ASVA گھوڙن ۾ شاھوڪار اشواپتَ ASVA PAT گھوڙن جو سردار، اشواپَ ASVAPA گھوڙن جو رکوالو، يعني گھوڙن کي سکياڏيندڙ GROOM، هپت (سپت) (SASA) S= asa ستن جو حڪمران، هپت سسا SASA HAPTA= چمڪندڙ ست.

سنڌي لکت ۾ اها هڪ عام ڳالھ نظر اچي ٿي تہ جڏھن لکڻ واسطي جاءِ تمام سوڙھي هوندي تہ لفظ بلڪل ننڍا ڪري لکيا ويندا هئا. مثال طور سڪ SAKA لفظ لاءِ فقط سَ SA، مھ MAHA لاءِ تہ MA ۽ تر TARA لاءِ فقط تہ TA لکيو ويندو هو. هڙاپا وارا ٻن لفظن مان هڪ لفظ جوڙيندا هئا ۽ گردان ۽ ٻئي جوڙجڪ لاءِ ان مان هڪ لفظ جو مطلب ونندا هئا ۽ انهن مان هڪ کان سواءِ سيني مان گرداني پچاڙيون ڪيي ڇڏيندا هئا، مثال طور پَو - سڪ - پنٿ (يا پنز) ستھ PAN- OR PAV-SAKA-PANTA GA SATAHA پاڪ ۽ طاقتور پنجن سون جي (مھر).

هتي ٻي هڪ اھم ڳالھ ڏسڻ ۾ اچي ٿي جنھن ڏانھن ڏيان ڇڪائڻ لازمي ٿو سمجھان تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص نڪتن کانسواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سئنڌي COMBINATION EUPONIC ڪوڙ آهي.

جهڙو تر + ارهـ TRA+ARHA ترا رهـ TRAH لائق بچائيندڙ.

قديم هند ۾ آريائي ٻوليءَ جا ڪجهه اسمي مرڪب ٻوليءَ ۾ موجود نظر ايندا.

تتپرس TATPURUS

هي قطعي پڇاڙيءَ وارو متوسل مرڪب DETER- DEPENDENT COMPOUND MINATIVE آهي، جنهن جي پهرئين پد ۾ پڇاڙيءَ واري حالت ENDING CASE ورلي ٿيندي آهي. مثال طور جيئن تري ورساءِ TRIVRSAE ٿن مردن جهڙي ڏانهن "TO THE THREE MANLY" (هي حوالو اڳني ڏانهن آهي). گهـ ـ پهـ ـ پات ـ هَ GAH - PAH - PAT - HA بچائيندڙ حاڪم جي وينتي يا لائق بچائيندڙ حاڪم جي گذارش.

ڪرم ڌاريه

ڪرم ڌاريه ساماسا Samasa ۾ پهريون پد لکت جي پنهنجيءَ خاص جاءِ تي هوندو آهي ۽ آخري پد سان ظرفي طور ڳنڍيل هوندو آهي.

جهـڙيءَ ريت (1) پهـس ـ پـت (پـات) PAHAS-PAT (PAT) بچائيندڙ حاڪم جنهن جو مفهوم آهي بچائڻ وارو حاڪم. (2) پَهَ ـ آت PAH-ATHA بچاءِ باه "PROTECT FIRE" يا بچائڻ واري باه.

(3) سڪ - تر (ياتري) مهـ (MAHA SAKA-TRA(OTRI) سگهارو بچائيندڙ (جيڪو ٽيٽو) وڏو آهي يا سگهارو ۽ ٿن ڳالهين ۾ وڏو. مفعولي مرڪبن جا اهڙا مثال تمام ٿورا آهن، جن ۾ پهريون پد فعلي اسم VERBAL NOUN طور رابطي ۾ هوندو آهي ۽ مرڪب جي آخري پد کي ضابطي ۾ رکندو آهي، جهڙو آترت ATRATA ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع کان وٺي بچائيندڙ.

مکرر مرکب COMPOUND INTERATIVE

هن سماس SAMASA ۾ اسمي يا فاعلي صفتون، ظرف ۽ انگ اچي وڃن ٿا، جن کي ورجايو ويندو آهي، جهڙوڪ (1) پرا ـ پرا PARA-PARA نهايت مٿاهون. پت ـ پت PAT-PATA حاڪمن جو حاڪم. (3) آئڪي ـ ائڪا AEKE-AEKA= فقط هڪ.

پچاڙين سان گڏ اڳياڙين واري ٻولي.

سنڌي فقط پچاڙين واري نه، پر اڳياڙين واري ٻولي ب آهي. بون گارڊ ليون BONGARD LEVIN ۽ ان جي ساٿين جو خيال آهي ته هيءَ ٻولي رڳو لفظي پچاڙين واري ٻولي آهي. هن انومان جي آڌار تي سنڌن راءِ آهي ته هيءَ ٻولي هند ـ يورپي ٻولين جي ڦري مان نه آهي. پر هتان سوَن جي انگ ۾ اهڙيون لکتون مليون آهن، جن مان اها ثابتي ملي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳياڙيون PREFIXES ب موجود آهن، جيڪي هيٺ ڏنل مثالن ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

مهرنمبر	لکت	مطلب
23	هو هم "پهه ـ سهه ـ پا HAVAH" PAH-SAHA- PA	باس يا مجتا ڏيڻ، بچائڻ واري لائق بچائيندڙ کي
33	ترپت ارڪ TRPPTA ARKA	راضي ارڪ
76	سهه پا SAHA - PA	اهل بچائيندڙ
58	پرا تريڪ PARATRIKA	سچ کان مٿاهون ترائيڪو (TRIAL)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

241	ارھ - بگئ سُس - ارڪ ARHA - BAGAE - SASA ARKA	نهايت اصل ديوتا سس ارڪ
296	اِڪ پگھ ورسھ EKA-PAGHA-VRSAHA	اڪيلي سگھاري ورسھ جي (مھر)
312	سام پگ SAMA BHAGA	پاجهيندڙ ديوتا (GOD)

١٠٠٠ ق - م - واري دور ۾ سنڌو لکت جي اوسر.

اسان کي پوئين دور جي ٻيٺ دوارڪا ۽ جبلن تي برهمي لپيءَ ۾ اشوڪ جي لکت مان پتو پوي ٿو ته برهمي لکت سنڌي تصويري

سنڌي لکت ۾ اهڙا ٻه مکيه اصول آهن جن برهمي لکت تي ٻه گهرو اثر ڇڏيو آهي. تن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو. (1) گڏيل وينجن سراکرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻن يا وڌيڪ وينجن سر اکرن جي

تاريخ کان قديم دور واري ٻيٺ دوارڪا جي لکت

دوارڪا گجرات جي ساموندي ڪناري سان هندو ڌرم جي ڪري ڪ پوتر ۽ تاريخي اهميت وارو قديم شهر آهي. ڇيو ويندو آهي ته جڏهن هتان سمنڊ هٽي ويو هو ته شري ڪرشڻ هن مشهور شهر کي اڏيو هو. مها پارت، هري ومس ۽ ٻين پراچين اتهاسن موجب اهوشهرسمنڊ ۾ ٻڏل هو. هن ڪتاب جي لکڻهار سنہ 80 -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1979ع ۾ دوارڪاڌِس DWARKADHIS مندر جي اڳڻ ۾ کوٽائي ڪرائي هئي، جنهن مان ٽن پراڻن مندرن جي موجودگي جو پتو پيو هو، جن جو دور هڪ صدي قبل مسيح کان وٺي نائين صدي عيسوي تائين پکڙيل سمجهه ۾ اچي ٿو. معلوم ائين پئي ٿيو ته انهن جي تباهي سمنڊ جي ڪري ٿي هئي. هڪ پراڻي مندر جي مٿيءَ جي ڊير مٽان تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل هڪ وسنديءَ جا اهڃاڻ به ملیا آهن. هن آڪاٽي ٽرڙ مان ڳاڙهي رنگ جا چمڪندڙ ٺڪر جا ٺانوَ ملیا آهن. هن شاهديءَ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته مٿي آيل وسندي پي سهس قبل مسيح جي وچ ڌاران اڌي وئي هوندي. ان کان پوءِ نيشنل اوشنوگرافي گوا، مئرين آرڪيالاجي نالي هڪ رٽا جوڙي، 1983ع کان 1990ع تائين دوارڪا پرسان سمنڊ ۾ ڪم ڪيو.

دوارڪا بيٽ ۾ سمنڊ اندر ٻڏل شهر

دوارڪا بيٽ کي سنکو ڌارا SANKHODHARA به سڏيو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي ته هتان وارو سمنڊ جو پاڻي ڪرشن ديوتا سڪايو هو. سن 1982ع ۾ مئرين آرڪيالاجي جي جاکوڙي جڏي ڪناري پرسان ٽڪرائتي علاقي مان هڪ قلعبند پراڻو شهر ڳولي لڌو هو، جتان کين هڙاپا جي پوئين دور سان لاڳاپيل ٺڪر جا ڳاڙها چمڪيلا ٺانو هٿ آيا هئا. هن دريافت کان پوءِ سمنڊ جي پاڻي اندر پهريون پيرو 1983ع ۾ ۽ ڇهون پيرو 1988ع ۾ ڪوشش ڪئي وئي، جن وسيلي سمنڊ هيٺ آيل هن شهر جي قلعي جي ڏاکڻي ۽ اترين ٻانهين به ڳولي لڌي وئي. ظاهر ٿيندڙ ڳالهين مان پتو پيو ته هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسندي ۾ سهس قبل مسيح جي وچ تائين آباد هئي ۽ سمنڊ اندر سندس ڏيگهه چارڪلو ميٽر هئي. پراچين اتهاسن ۾ دوارڪا کي نگري NAGARI ۽ واري درگا DURGA VARI جي نالي سان به سڏيو ويندو هو. انومان آهي ته 1500 ق. م سمنڊ جي چاڑهه ڪري هيءَ وسندي پاڻي هيٺان اچي وئي. ان دور کان وٺي اڄ تائين انهن ماڳن تي پاڻي جي اونهائي ڏهه ميٽر آهي.

پوئين دور سان لاڳاپيل سنڌ سيپتا جي مهر پليٽ XLVIII ۽ ٽڪر جي ٽاڻ تي لکت ۔ پليٽ XLIX

هن ماڳ جي سن 1984ع واري کوٽائي ۾ کوجنا دوران به اهم نادر شيون هٿ لڳيون، جن وسيلي هنن ماڳن جي دور جو پتو سولائيءَ سان پئجي ويو. انهن مان هڪ چوڪنڊي ۽ سنڌ سيپتا جي طرز جي مهر آهي جيڪا سنک CONCH جي ٺهيل آهي. هيءَ مهر ٽي سو ميٽر ڏڳهي کوٽيل واهي، UW-6 جي تهه تان ملي، جيڪا سمنڊ واري پاسي BDK ايراضي I ۽ II مان کوٽي وئي هئي. هن مهر تي ٽن سرن واري جانور جي تصوير اڪريل آهي، جن مان هڪ سر ڏاند جو ٻيو، هڪ سگهي جانور جو ۽ ٽيون ٻکريءَ جو آهي، پر طرز بحرين واري اٽس (ڏسو پليٽ XLVIII). مٿس ڪابه لکت ڪانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي. ٻي لاڏ باس جي ٽانو جو هڪ ٽڪر آهي، جيڪو ورن ۾ ٽلهو ۽ رنگ جو ڳاڙهو آهي، اهو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺان مليو. توڙي جو هن مٿان سمنڊ جي لهرين جو پاڻي پئي اوٽيو موٽيو آهي، پر پوءِ به هن مٿان ٽيل لکت پڙهڻ جوڳي آهي. هن دور جو ڪاٿو ڪرڻ وقت اسان کي لڏل ٽانو جي زماني ۽ قديم تحرير جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑهڻ واري فن کي ڪتب آڻڻو پوندو. هن جهڙو هوبهو ٻيو ٺڪر ٻيءَ ايراضي II-BDK تان لڏو ويو، جيڪو هڙاپا جي پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. ان جهڙو ٽيون ٺڪر پاڻيءَ هيٺان بہ مليو آهي. پوئين ٺڪر تي سمنڊ جي پاڻيءَ ڪجهہ اثر ڪيو آهي. لکت وارو ٺڪر واريءَ ۾ ڪجهہ پوريل هو، ان ڪري سمنڊ جي پاڻيءَ مٿس اثر ڪونہ ڪيو آهي. پر لوٽيات پنهنجو ڪم ضرور ڪيو آهي. ٻي اهڙي ٺڪري هيج HEDGE ناگيشواڙ NAGESHWAR پرسان هڪ ٽرڙ مان لڏي. اها بہ هڙاپا جي پوئين دور سان لاڳاپيل آهي ۽ ڪنهن لکت کانسواءِ آهي. ٻيٽ دوارڪا جي ٺَڪرائتيءَ ايراضيءَ مان لڏل جنهن ٺڪر تي مانڊاڻي جهڙو چٽ آهي ۽ ناگيشواڙ مان لڏل ٺڪر مان اها تصديق ٿئي ٿي تہ لکت وارو ٽلهو ڳاڙهو، باس جي ٽانو جو ٺڪر جيڪو ٻيٽ دوارڪا پرسان ساموندي پاڻي هيٺان لڏو هو، سو ڪنهن تاريخ کان اڳ واري دور سان تعلق رکي ٿو. ٻي ڳالهہ تہ هڪ چمڪيلو ڳاڙهو ٽانو ۽ ٻيو ڪا شيءَ وارو ٽانو بہ ان ايراضي مان لڏو، جتان لکت وارو ٽانو لڏو هو ۽ ڪا شيءَ وارو ٽانو بحرين BAHRAIN (1200 ۔ ق.م 1500 ق.م) سان واسطو رکي ٿو.

لکت (پليٽ XLIX، خاڪو 67)

لکت وارو هي ٽانو وڏي منهن وارو آهي. ڪلهن وٽ ڪناري ۽ سوراخ بہ اٽس ۽ سندس ڪلهن وٽ ستن قسمن جا مختلف اکر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اکر هڪ سينٽيميٽر ڊگها ۽ هڪ ٻئي کان جدا لکيل آهن. ستن مان چهہ اکر اهڙا آهن جن جو واسطو سنڌ سيٻيتا جي پوئين دور سان آهي. هڪ اکر جيڪو کاٻي کان چوٽون آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

